
سنڌ جا سچٽو سلام

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **ستهٺ** (67) اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب **”روشني ئي روشني“** مانواري شاعر، نعت گو ۽ ثنا خوان محترم **جوهر بروهي** جي حمد ۽ نعتن تي مشتمل آهي..

هي ڪتاب **براهوي پبليڪيشن** فريدآباد، ميهڙ پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي. اسين ثورائتا آهيون اسلاميه سائنس ڪاليج سکر جي اسسٽنٽ پروفيسر محترم **عبدالجبار شيخ** صاحب جا، جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# روشني ئي روشني

جوهر بروهي





بسم الله الرحمن الرحيم

كتاب جو نالو: روشني ئي روشني
شاعر: جوهر بروهي
موضوع: حمد ۽ نعت
ايڊيشن پهريون: 2011ع
اي ڪمپوزنگ: همدم بروهي

پاران:
براهوئي پبليڪيشن فريد آباد،
ميهڙ ضلع دادو سنڌ

ملڻ جو هنڌ:
سومرا بوڪ اسٽور مين روڊ ميهڙ
شيخ غلام علي شاهي بازار ميهڙ
مدرسه عربيه محمديه فريد آباد، ميهڙ ضلع دادو.
جامعه محموديه بروهي ڪالوني نزد قريشي ڳوٺ سکر
فيض ميڊيڪل سينٽر ڊيرا مراد جمالي، بلوچستان.

**الله تعاليٰ ساراھ جو ثواب**
**منهنجي مهربان دوست**
**عبدالخالق عيسيٰ زئي براھوئي مرحوم**
**کي**
**مرهي! آمين!!**





جيڪي منجهه جهان.............................جوهر بروهي
سوچون ساراھ پريون...............محسن رضا چانڊيو
روءِ راڻي جي ناھ ڪو.................علي دوست عاجز
ساراھ سچو ڏڻي.............................................. حمد
مَج محمد ﷺ ڪارڻي.................................... نعت
هئا هيڪانداحبيب سين........................ شان صحابہ
ٻيو فهم...............................

# جيڪي منجهه جهان

جوڙي جوڙ جهان جي، پاڻ ڪيائين پروار
حامي،هادي، هاشمي سردارين سردار،
سونهي صحابن سٺ ۾، منجهه مسجد مٽيادار،
چار ئي چڱا چوڏار، هئا هيڪاندا حبيب سين.
(شاهه)

سڀ ساراهون رب ڪريم لاءِ جنهن ڪائنات ۾ انسان ذات تخليق ڪئي. ۽ انسان ذات ڪي سر، تنوار ۽ سونهن جا ڪيئي روپ ارپي ڏنا. "اقراء" جي لفظ سان انسانيت ڪي اڻ ڪٿ شعور عنايت ڪيو. باک ڦٽيءَ ڪان سانجهه تائين ۽ سانجهه ٿاٽي ڪان باک تائين زندگي جو سمورو حسن ان جي امر ۾ آهي. نور ۽ سونهن ۾ ورتل ذهن جڏهن سوچڻ لڳا يا ڪائنات جي جوڙجڪ ماپڻ لڳا، تڏهن لفظ سرجيا. جنهن ڪي شاعري چيو ويو. شاعري شاعر جي ذاتي ۽ فطري ظرف مطابق وجود ۾ اچي ٿي. انساني احساسن جي وجود ڪان وٺي اڄ سوڌو شاعري پنهنجي پوري قافيي رديف ۽ جذبن سان تازي آهي.

شاعري جو بنيادي موضوع هي آهي تہ حسن جي تعريف ڪجي. تہ پوءِ جنهن رب ڪريم هي حسن پکيڙيو





آهي. تخليق ۾ جيڪا سندرتا اوتي آهي. ان خالق جي تعريف ڪائنات مان لاپ پرائيندڙ دلين ۽ ذهنن جو پهريون فرض آهي. شاعري جي ان نپايل موضوع ڪي "حمد" جو عنوان ڏنو ويو. جڳ ۾ اهو پل ڪونهي جنهن ۾ حمد جي جهونگار نہ هجي. جي لفظ نہ هجن تہ بہ تنوارون ئي حمد الاپين ٿيون. علم جي لافاني ڪتاب جو آغاز بہ "الحمد لله" سان آهي ان ڪري آواز جڏهن بہ لفظ جو روپ وٺي تہ اهو حمد ئي هجي؟

نبي ڪريم ﷺ جن جو وجود مسعود بيان جي حرفن ۽ لفظن ڪان ڪافي بلند بالا آهي.

لا يمڪن الثناء ڪما ڪان حقه

سندس پاڪ نالي سان ئي ڪلجڳ نهال آهي. خاص طور سنڌ واسين عقيدت ادب جي اوٽ وٺي "محمدﷺ" نالي وڻ بدران " نالي منو" چئي چپن تي محبتن جي مناڻ جو رس اوتي ڇڏيو.

دنيا جي سموري ادب حضور سائين ﷺ جي ذڪر ۽ ثنا ڪي "نعت" نالو ڏنو. پر اتساهہ پرئي سنڌي ادب نعت ۾ اضافو ڪري "مولود شريف" بہ رچيو.

رسالتماب ﷺ جي ذات بابرڪات سان گڏ رسالت جي مدت ۽ حد مقرر ڪانهي. نبوت جي سلسلي جا آخري نبي ٻٽجي جڳ واسيو. صديون گذريون آهن اجا ڪيئي صديون گذرنديون پر نبي ڪريم ﷺ جن جي نبوت محشر ميلي تائين ايئن قائم ۽ تازي رهندي جيئن پهرين ڏينهن حرا جي غار ۾ ڪين "اقراء" جي لفظ سان عنايت ٿي.

دربار نبوي ۾ نعت گو شاعرن جي قطار ڪافي ڊگهي آهي. ان قطار جي آخر ۾ هڪ "جوهر بروهي" نالي ڳٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

تذڪري جي عنوان هيٺ اصحاب ڪرام جو ذڪر بہ اچي ٿو. جن صديقيت، فاروقيت، نورانيت ۽ مرتضائيت جا تاج پائي، جيئري جنتون ماڻيون. رضي الله عنهم.

1992ع ۾ منهنجن مهربانن ڊاڪٽر عبدالستار خان براهوئي، مير علي شير ناز براهوئي ۽ ذوق براهوئي جي ڪوشش سان براهوئي زبان ۾ منهنجي نعتيہ شاعري جو مجموعو " روشنائي" ڇپايو. الحمد لله مقبوليت بہ حاصل ٿي. خاص طور "روشنائي" جي نعت ڪي الحاج امداد الله قلپوٽي ڪافي ڳائي، مونکي خوب حوصلو بخشڻ سان گڏ براهوئي ٻولي ۾ نعت ڳائڻ جو هڪ جديد انداز متعارف ڪرايو. ان ڪري مان سندس دعاگو آهيان.

1996ع ۾ ڪڏهن هڪ ملاقات وقت منهنجا محترم حضرت سائين عبدالڪريم صاحب قريشي جن ٻير شريف ۾ منهنجي حوصلہ افزائي ڪندي فرمايو، " تنهنجا مضمون ۽ شاعري اسان کي پسند آهن، وقت ڪڍي بہ پڙهندا آهيون." ان وقت صبح جي ٿڌڙي هير گهلندي بہ خوشي مان پگهرجي ويو هيس. مجتا جي هي قيمتي ايوارڊ لکڻ لاءِ وڏو حوصلو بخشيو.

دوستن شفيقن جي اهڙين مهربانين وقت، پنهنجي علائقي جي نوجوان شاعر محسن رضا چانڊيو صلاح ڏني تہ حمد ۽ نعت جي حوالي سان تنهنجو سنڌي ڪتاب اچڻ گهرجي! هن قربائتي مشوري جي پؤواري ڪندي پنهنجي شاعري منجهان هڪ چونڊ ترتيب ڏنم.

ساڳي وقت ڪتاب " روشني ئي روشني" جي اشاعت لاءِ محترم ڊاڪٽر عبدالستار خان بروهي، مسعود علي صاحب ۽ جناب الطاف سومرو جي سهڪار جو ٿورائتو ۽





دعاگو آهيان.

سنڌي جي مشهور شاعر جناب علي دوست عاجز، هن ڪتاب جي ڪم ۾ ڪافي هٿ ونڊايو ۽ نوجوان ليکڪ اديب آزاد انور ڪانڌڙو وڪوڪ تي ساٿ ڏنو. مان ٿورائتو رهندس.

"مون سان مون پرين، پورائي ۾ پال ڪيا"

**جوهر بروهي**

**فريد آباد**

16جنوري 2011ع

# سوچون ساراهه پريون

ڪائنات ۾ سنڌ پنهنجي بيهڪ ۽ قرب ڪري امرتا ماڻيل ملڪ آهي. جيڪو عالمن، شاعرن ۽ ڏات ڌڻين جو ڏيهه آهي. شاعري جي ان سلسلي ۾ سائين جوهر بروهي جي شاعري به آهي، جنهن سنڌي ۾ هر صنف تي لکي پاڻ موڪيو آهي. ان وقت پنهنجي شاعري ذريعي براهوئي ادب ۾ نوان رخ متعارف ڪيا.

ذاتي طور سائين جوهر بروهي سنجيده طبيعت رکندڙ فقيراڻي انداز جو هڪ عالم آهي. هڪ دفعي پاڻ چيائين ته شاعري لاءِ فقيري ضروري آهي. جيڪو فطري شاعر هوندو سندس طبيعت ۾ فقيري انداز هوندو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي فقيري سلسلي جو سرواڻ هيو. اسان جي وقت ۾ شاهاڻي زندگي گذاريندڙ مخدوم طالب المولىٰ به مڪمل فقير هيو. سائين جوهر بروهي چيو فقيري جو اهڙو انداز مونکي ملاقات دوران شيخ اياز ۾ به نظر آيو ۽ استاد بخاري ته ان سلسلي جو هڪ مجيل پانڌيئڙو هيو.

علم ساڃاهه سان واهپو رکندڙ سائين جوهر بروهي فريدآباد ۾ علمي جلوو روشن ڪيو آهي. هو شاعري ۾ منهنجو استاد آهي. مون تي ڪافي شفيق به آهي. هن رڳو منهنجي شاعري جي اصلاح ڪانه ڪئي آهي. بلڪ زندگي





جي اٿڻي ويهڻي به وڏي پيار پاٻوهه سان سمجهائي آهي. پنهنجن دوستن کي سندن تلقين اها هوند آهي ته وڌ ۾ وڌ مطالعو ڪريو. جيڪڏهن ڪو ڪتاب هٿ نه اچي ته روزانو ڇپجندڙ اخبار جو مطالعو ئي ضرور ڪندا رهن.

سندس ڪلام جو هي مجموعو "ساراهه" جي عنوان سان اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن پنهنجي ڪافي شاعري منجهان حمد نعت ۽ شان صحابه متعلق ڪجهه ڪلام ترتيب ڏنو آهي. سندس لفظ لفظ ۾ سٽ سٽ ۾ عقيدت ۽ ادب جو انداز سندس قادر الڪلامي سان گڏ الاهي حڪمن مطابق عقيدي جو اظهار به آهي.

ڪاڇي جي ڪنڌ ۾ رهي هن سنڌ سان گڏ بلوچستان ۾ پاڻ مڃايو آهي. سندس سنڌي مذهبي شاعري عام طور ڳائي وڃي ٿي. ان ڳائڻ ۾ به هڪ لطف آهي. پر جي بنا ڳائڻ جي به سائين جوهر بروهي جو ڪلام پڙهيو وڃي ته به سرور حاصل ٿيندو.

مان دعاگو آهيان ته سندس ڏات ۽ ذات اسان لاءِ رڻ تتهڻ ويلي ڇانورو هجي.

**محسن رضا چانڊيو**

گرڪڻ، ميهڙ،
4 آڪٽوبر 2000ع

# ڳُوڙ ڳاڙيندي جي ناهه ڪائي

حمد ۽ نعت جي هن ڪتاب جو شاعر محترم جوهر بروهي صاحب سنڌي ادب جي حوالي سان ڄاتل سڃاتل شخص آهي. هن جڏهن ننڍڙي ڪتاب پر وڏي موضوع تي ٻه اکر لکڻ لاءِ حڪم ڪيو. تڏهن مون سوچيو هي ڪم نندي ماڻهوءَ کان وڏو ڪارنامو ڪرائڻ جي برابر آهي. توڙي جو مون سمجهيو ته انصاف نه ڪري سگهندس، پرسوچيم جيئن لَکن نعت لکندڙن جي آواز ۾ جوهر صاحب جو آواز به هڪ ٿي ويو آهي، تيئن جي منهنجو پُٽڪو به ان ۾ شامل ٿي وڃي ته مونکي ٻي ڪهڙي عزت گهرجي! جوهر صاحب منهنجو محسن ۽ مهربان دوست به آهي. آءٌ وٺائنس سکيو آهيان. سو ٻنهي پاسي بهرحال ادب جو مقام آهي ۽ مونکي بس عقيدت جا گل ئي پيش ڪرڻا آهن!.

جوهر بروهي صاحب سنڌيءَ جو ته ناميارو شاعر آهي ئي، پر هُو بروهيءَ جو تمام وڏو شاعر آهي. هن جا بروهي نثر ۽ نظم جا درجن کن ڪتاب اچي چڪا آهن. هي اڃان ننڍو ئي هو، جو سائين قاري عبدالڪريم رحلت فرمائي ڪيس الله ۽ امڙ جي حوالي ڪري ويو. سائين قاري صاحب پاڻ به مذهبي عالم ۽ مُدرس هو، تنهنڪري عبدالقيوم (جوهر بروهي) به پڙهڻ کان وٺي پڙهائڻ تائي واري عُمر ديني درسگاهن ۾ ٿي پئي گذاري آهي.





هن ننڍي هوندي جڏهن ڏک ڏٺا ۽ چوٽون کاڌيون تڏهن هن ڪڏهن امڙ جي جهوليءَ ۾ اچي ساهه پٽيو ۽ ڪڏهن قرآن پاڪ ۽ نبي ڪريم ﷺ ڏانهن رجوع ڪيو. جڏهن اتان ڪيس آٿت مليو، تڏهن هن ڪي ان ذات سان وڌيڪ پيار ۽ عقيدت به ٿي. شاعر آهي، ان ڪري "نالي منني ﷺ" سان ان عقيدت ۽ پيار جو اظهار به شاعريءَ ۾ ڪيو اٿائين. بروهي ۾ نعتيه شاعري جو ڪتاب "روشنائي" ۽ سيرت تي "رحمت للعالمين" اڳ ۾ ئي ڇپجي چڪا اٿس.

شاعرن کي خبر آهي ته ، ٻيو شعر ته جيئن تيئن لکي وڃبو آهي پر جڏهن نعت جو مقام ايندو آهي. تڏهن ڪيتري ڏکيائي محسوس ٿيندي آهي. منهنجو ذاتي تجربو آهي ته نعت لکڻ لاءِ نه ڏات عمر اهم آهي نه فن، فقط ۽ فقط عشق رسول ﷺ اهم ۽ اتم آهي. جن کي نبي سائين سان محبت آهي، انهن اهڙيون ته بي مثال نعتون لکيون آهن، جن جهڙو مثال سندن ٻئي ڪلام ۾ نه ڏئي سگهبو!

هن مجموعي ۾ حمد باري تعاليٰ، نعت رسول مقبول ﷺ ۽ صحابه ڪرام جي شان ۾ نذرانه عقيدت پيش ڪيل آهي.

حمد، ساراهه آهي، حمد باري تعاليٰ، الله پاڪ جي ساراهه. ان جي تخليق جي ساراهه، ان جي جلال، جمال ڪمال جي ساراهه. ان جي رحمت ۽ ربوبيت جي ساراهه، ان جي بي پرواهين جي ساراهه، ان جي وحدانيت جي واکاڻ، ان کان دعا گهرڻ، مدد گهرڻ پنهنجي زبان ۾، ٻوليءَ ۾، ادب ۾ حمد آهي. قرآن پاڪ جي شروعات حمد سان آهي. الحمد لله رب العالمين سڀ ساراهه ٻنهي جهانن جي مالڪ لاءِ آهي. بيشڪ هو له الملڪ وله الحمد آهي.

الله قوت ۽ اقتدار جو مالڪ آهي. حمد (Appreciation) تحسين آهي.تاثر جمال آهي، ڪنهن شيءِ کي ڏسي، توهان جي زبان مان بي اختيار واهه واهه! نڪري وڃي ته، اهو ان شيءِ جو حمد آهي.

سوئي راهه رد ڪري، سوئي راهنماءُ،
وتعز من تشاءُ، وتذل من تشاءُ.

جيڪي منجهه جهان ، سو تاريءَ تڳي تنهنجي،
لطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪانه،
عدل ڇٽان نه آن نه، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

جيڏو تنهنجو ناءُ، ٻاجهه ٻه اوڏيائي مڱان،
ريءَ ٽنيبين، ري ٽوٽيين، تون ڇپر، تون ڇانءُ،
ڪچاڙو ڪهاڻءُ! توکي معلوم سيڪا.

صاحب! تنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون،
پن ٻوڙين پاتال ۾ ، پاهڻ تارين تون،
جيڪر اچي مون، ته ميريائي ماڻُ لهان.

اهو ته لال لطيف هو، جوهر صاحب وٽ حمد باري تعاليٰ لاءِ هي نماڻا لفظ آهن:

تون لحظي ۾ هڪ هڪ جهوتي کي طوفان ڪرين ته ڪري ٿو سگهين
الله منا، هڪ قطري کي انسان ڪرين ته ڪري ٿو سگهين
جي يونس پيٽ مڇيءَ ۾ رهي، جي يوسف بازر منجهه ڪپي،
جي ڪربل منجهه امام ڪهي،حيران ڪرين ته ڪري ٿو سگهين
ڪا دير نه آ ڪنهن نوڪر کي زر، دان ڏئي سلطان ڪرين،
سلطان جي سلطانيءَ کي ڦري دربان ڪرين ته ڪري ٿو سگهين

www.sindhsalamat.com



هو هر شيءِ جو مالڪ آهي. جهوتي مان طوفان ڪرڻ، قطري مان درياهه بنائڻ، هڪ داڻي مان سنگ پيدا ڪرڻ، مٽيءَ مان خوشبو، رنگ، ذائقا پيدا ڪرڻ، هڪ لفظ "ڪُن" چئي، جهي ڪائنات پيدا ڪرڻ، سندس قدرت جو ئي ڪمال آهي. سندس بي نيازيءَ آڏو نبي ۽ ولي ٻه ڏڪندا ويا. سندس حقيقت کي سمجهڻ ايڏو سولو ڪونهي.

مان گنهگار، تون ستار آهين،
منهنجا رب ڏيهه جو ڏاتار آهين!

ڪائنات، جنهن ۾ سونهن وکري پئي آهي، ان جي جوڙ ۽ بيهڪ، مندن جو تبديل ٿيڻ، هي ڪهڪشائون، چنڊ تارا، انهن جو نظام ڏسي، گهڙي لاءِ غور ڪبو ته جائي ٻه سندس تخليق جي ڪمال تي حيران ئي رهجي وڃبو. جو ته جيڏو آهي تخليق جو ڪمال، ايڏو آهي جوڙجڪ ۾ جمال!

فلڪن ۾ ڇٽيل سج چنڊ، ڪتيون، صدين ڪان ٻرن تارن جون بتيون،
تسبيح ٿا ڳائن صدق منجهان نيشان هزارين مان نه رڳو.

غزل جي فارم ۾ هي حمد مولانا عبدالغفور مفتون همايوني جي مشهور غزل " تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا" جي تتبع تي رچيل آهي.

جوهر صاحب جي ٻولي سولي، شاعريءَ جو انداز سليس ۽ عام لهجي وارو آهي. عربي فارسي تي عبور هوندي ٻه نيٺ سنڌي لفظ ڪتب ٿو آڻي. هتي رڳو اهي ڪلمان عربيءَ جا ڪنيا اٿائين، جيڪي يا ته آيتون آهن يا اسماءِ گرام.تخليقي جذبي اظهار لاءِ جنهن ٻه صنف جو روپ ورتو آهي سو بلڪل فطري ٿو لڳي:

مٽي سڀ ڪان توحيد جي لات آ،
خدا وحده لا شريڪ له،
سدا شرڪ کان پاڪ سا ذات آ.

www.sindhsalamat.com

ورفعنا لک ذکرک ( ۽ تنهنجي ساراهہ تولاءِ مٿي ڪئي سون) جنهن جي ساراهہ ۽ اخلاق جو ساکي قرآن مجيد آهي. جنهن جو نالو اللهٰ پاڪ جي زات سان گڏجي اچي ٿو. اذان هجي يا ايمان، سندس نالي پاڪ کانسواءِ نامڪمل آهي. جنهن جي تعريف، مالڪ سڀ کان مٿي ڪئي آهي، ان جي تعريف ڪيئن نہ ٿيندي ۽ ڇو نہ ٿئي!

دنيا جي هر ادب ۾ نبي سائين جي زندگيءَ تي نثر توڙي نظم لکيو ويو آهي. سندن برڪت ڀري زندگيءَ جا واقعا بيان ڪرڻ کي "سيرت" چئبو آهي. ۽ شاعريءَ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان دلي جذبن ۽ محبت جي اظهار کي "نعت" چئبو آهي.

نعت "سهڻي وصف" آهي. مطلب ڪنهن جون سهڻيون وصفون ۽ خاصيتون بيان ڪرڻ، ابن رشيق، وصف جي تعريف هيئن ڪئي آهي، " اک، ڪن ٻڌجي وجي" يعني اهڙي تعريف ڪجي جو ٻڌندڙ محسوس ڪري تہ مان مشاهدو ڪري رهيو آهيان.

سنڌي ۾ ان صنف کي مولود سڏين، مولود هڪ مخصوص انداز ۾ ڏاڍي فضيلت ۽ احترام سان ڳايا ويندا آهن. هاڻي نعت جو اصطلاح فقط نبي ڪريم ﷺ لاءِ لکيل شعر لاءِ استعمال ٿئي ٿو. نبي سائين لاءِ لکيل مدح کي پهريون پيرو نعت جو نالو حضرت علي ڪرم اللهٰ وجہ جن ڏنو. نعت جو بنياد" مدح محبت" آهي. يعني پاڻ ڪريم جن جي مدح بيان ڪرڻ سان گڏ، ان جي ڪمال، جمال، احسان. يعني تعريف تڏهن ڪئي ويندي آهي جڏهن ڪو شخص ڪامل هجي، حسين هجي، سخي ۽ محسن هجي.

پاڻ ڪريم جي عرب قوم مان هيا. مسلمان بہ اڳ ۾





انهن مان ٿيا. انڪري عرب قوم ئي پهرين قوم آهي، جنهن پاڻ ڪريم ﷺ جن تي پهريان شعر چيا يا نعت جو بنياد وڌو. چون ٿا پهرين نعت خواجہ ابو طالب چئي:

و ابيض يستسقي الغمام بوجهه
ثمال اليتاميٰ عصمة للا راملہ

( سهڻي چهري جو مالڪ، جنهن جي چهري جي صدقي جهُڙ وَسن ٿا، يتيمن جو وارث، رنن زالن جو سهارو آهي.)

پر جوهر بروهي صاحب جن جي چوڻ موجب پهرين نعت نبي سائين جن جي امڙ آمنہ جن جي چيل آهي. جڏهن پاڻ ڪريمن جن کي سنڀال لاءِ بيبي حليمہ جي حوالي ڪري رهي هئي:

اعيذه باللهٰ ذوالجلال
من شرما مر علي الجبال
حتيٰ آراه حامل الحلال،
و يفعل العرف الي الموال،
وغيرهم من حشوته الرجال

( پنهنجي ٻچي لاءِ اللهٰ ذوالجلال کان پناهہ ٿي گهران، انهيءَ شر بابت جيڪو جبلن ۽ بيابانن ۾ آهي، مان ان کي اٺ تي سوار ڏسان ۽ ڏسان تہ غلامن ۽ ٿڪل مسافرن سان ڇڱائي ڪري رهيو آهي)

سنڌي ۾ پهرين نعت مخدوم پير محمد لکوي (1590ع) ۾ لکي:

اي صبا!واءُ صبوح جا، خاطي خير هٿان،
تون ريبارو رحمان جو ۽ قاصد قريبان
تون پانڌي پيارن جو اولي اکڙيان،

تون ساڃي سڪاين جو ماهر مشتاقان،
آڻي عجيبن جون خبرون خشحالان.

نبي سائين جي ذات حسن آهي ۽ آئيني مثل آهي، حسن کي ڏسڻ لاءِ اک جو حسن ضروري آهي. آئينو به اکين وارن لاءِ آهي. ۽ جيڪو ان ڏانهن نهاريندو پنهنجا عڪس پَسندو. اڄ قرآن پاڪ کان وٺي، ڀٽائي جي رسالي تائين، سندس ويجهن ساٿين کان وٺي وڏن دشمنن تائين، مڙني جي جيڪا راءِ آهي، تنهن دنيا آڏو ثابت ڪيو آهي ته پاڻ ڪريم جن دنيا جا عظيم ترين شخص آهن ۽ وڏي مرتبي وارا آهن.

سندن ذات سان اڄ تائين بي انتها پيار ڪيو ٿو وڃي، جنهن جا محبتي مثال هيٺ ڏجن ٿا.

**حضرت حمزه:**

و احمد مصطفيٰ فبنا مطاعا
فلا تفشوه بالقول العنيف

( انسان سيني ۾ احمد مصطفيٰ ﷺ لائق آهي، ته ان جي تابعداري ڪريون. ان ڪري هن جي اڳيان ڪو به بي ادبي جو جملو نه چوي. گستاخيءَ جي ڳالهه نه ڪري)

**دربار نبوي جو شاعر حضرت حسان بن ثابت:**

واحسن منک لم ترقط عيني،
و اجمل منک لم تلد النساءُ،
خلقت مبر امن کل عيب،
کَانک قد خلقت کما تشاءُ.

(حسين توکان مٿي منهنجي اکين ناهي ڏٺو ڪڏهين، ۽ سهڻو توکان وڌ ڪنهن ماءُ اڄ تائين ڄڻيو ناهي، ته تنهنجي پاڪ پيدائش رهي هر عيب کان پالهي جيئن چاهيئي ڪيو پيدا خدا، ائين ٻيو ٻڻيو ناهي.)





**امام ابو حنيف:**

الصبح بدا من طلعته،
والليل دجيٰ من وفرته

( صبح چمڪيو ان جي چهري مان، رات ڪاري ٿي سندس زلفن جي ڪري.)

**شيخ سعدي:**

بلغ العليٰ بکماله، ڪشف الدجيٰ بجماله،
حسنت جميع خصاله، صلو عليه و آله

(پهتو مٿانهينءَ کي پنهنجي ڪمال سان، ميٽيائين اونداهيءَ کي پنهنجي جمال سان، سهڻيون سندس سڀ خصلتون، صلوات ان تي ۽ ان جي آل تي)

**شاهه عبداللطيف ڀٽائي:**

ناز منجهان نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
پونءِ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رند،
ايڀون گهٽي ادب سين، حورون حيرت هنڌ،
سائين جو سوڳنڌ، ساجن سينئان سهڻو.

*

ڪڪيءَ هاٽيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٽا ڇڄ،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ،
سمو ڄام سهڄ، اُيو ڪري انهن سين.

**استاد بخاري:**

هڪ شخص گهرو پيار ڪان هڪ وار نه واندو،
سنسار جي سينگار لئه آزار سهي پيو،
هڪ شخص ڪڏهن نرڙ مٿان گهنڊ نه آندو،
انصاف جي آواز تي تلوار ڪٽي پيو،
هڪ شخص يتيم آهي يتيم آهي اهڙو،

دنيا جي يتيمن جو نگهبان لڳي ٿو،
هڪ شخص عظيم آهي، عظيم آهي اهڙو،
منان کان پوءِ، سڀ کان مها مان لڳي ٿو.

۽ جوهر صاحب پيار ۽ عقيدت جا گل هن ريت پيش ڪري ٿو:

باکن ۾ لاٽ آهي، پرزا ٿي ٻاٽ آهي،
رحمت جي ڇاٽ آهي، سچي هي واٽ آهي
ڪلمو پڙهيو تہ مان ٻي ٿيو نيڪنام آهيان!

ظاهر آ وٽس ٻي نيڪي يا سودو ڪونهي، سواءِ ايمان ۽ ڪلمي جي، بس، جو ڪتيو اٿائين، ان ۾ محبت شامل آهي. ۽ ڪيس جا عزت نصيب ٿي آهي، ان کي بہ ڪلمي جي ڪرامت سمجهي ٿو.

جوهر صاحب حمد توڙي نعت ۾ آيتن جي تضمين ڏاڍي سهڻي انداز سان ڪئي آهي. هن جتي جيڪي آيتون چونڊيون آهن انهن کي ئي بنيادي وزن يا ٿلهہ بنائي، ان جو خوبصورتيءَ سان نباهہ ڪيو آهي.

اقرا باسم ربڪ، احمد، حڪيم، حاذق
(مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)
قرآن آهي برحق، سرور سچو،۽ صادق
هو منهنجي سر جو سائين، مان ان جي سام آهيان!

مدني ، عربي، مير، منور
انا اعطينٰڪ الڪوثر
(فعلن فعلن فعلن فعلن)

گيت جي فارم ۾ هينيون نعت پڙهي، شاعر جي نعت حوالي سان گهڻي مشق ۽ پيشڪش جو اندازو ڪري





سگهجي ٿو.

محبوب دلربا آ، صل عليٰ محمد
(مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)
يٰس، والضحيٰ آ، محبوب ڪبريا آ،
هو درد جي شفا آ،يعني تہ مصطفيٰ آ،
قرآن ۾ ثنا آ، صل عليٰ محمد.

هن مجموعي ۾ شامل نعت، گيت جي مختلف گهاڙيٽن، غزل، نظم۽ آزاد نظم ۾ ڏنل آهن. شاعريءَ جي سيني صنفن تي سندس طبع آزمائي ٿيل آهي. بروهي توڙي سنڌيءَ ۾ سندس حمد ۽ نعت ريڊيو، ٽي وي ۽ ڪئسٽن ۾ ڳائجن پيا. ان ۾ ڪو ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ جوهر بروهيءَ نعت ذريعي ختم نبوت جو مڪمل اظهار ۽ اقرار ڪري شاعر ختم نبوت جو اعزاز ماڻي چُڪو آهي.

جلون جي اداسي گهٽجي وئي، ترها بہ تري هن پار پيا،
محبوب جي آمد آمد آ، ڌرتيءَ تي وسي انوارپيا.
بي چين نظم کي آٿت آ، اڄ جاڏي ڪاڏي رحمت آ،
چانڊوڪيءَ نئين سر مرڪي ٿي، گلشن جا وڏي سينگار پيا.

حرا کان نسخئہ قرآن آندو مير امت ڏي،
قريشي قوم جا ڪافر ڪٿاسردار مٿجي ويا

ساڃهہ ، سرت، شعور مليو آ
دنياکي دستور مليو آ،
باطل کي هڪ سور مليو آ
ختم نبوت زندهہ دم دم،
صل الله عليہ وسلم

عربي تي اگر ختم نبوت نہ ٿئي هان،
قرآن ۽ اسلام جي عزت نہ ٿئي هان.
شر، شور شرارت ۽ جهالت بہ وڌي هان،
احڪام جي پابند هي امت نہ ٿئي هان.

اڄ اسين اخلاقي قدرن جي پائماليءَ تي هٿ هڻي رهيا آهيون. سوچن جي ڇڙواڳي ۽ مادي فلاسافيءَ جي اصولن کي نہ سمجهڻ ڪري. پنهنجي حقيقي رهنما کان پري ٿي ويا آهيون. ان ڪري اسان پنهنجا روحاني قدر وڃائي چڪا آهيون. هڪ عظيم ترين ۽ حسين شخص تي گيت ڇونہ لکجي! ڇا اهو چوڻ ڪافي آهي تہ، هي موضوع پراڻو ٿي چڪو آهي؟ ڇا محبت پراڻي ٿيندي آهي؟ جيڪڏهن خيالي محبوبن تي ڪتاب لکي سگهن ٿا، تہ هي اهڙي سچائي، جنهن جي حڪمت کي سائنس ثابت ڪندي پئي وڃي. ان کان منهن ڇو موڙجي!

اچو تہ جنهن پيار ۽ انسانيت جو سبق ڏنو. حق ۽ سچ لاءِ جدوجهد ڪئي. انساني برابريءَ جو اعلان ڪيو، ان ذات اقدس سان ڪليءَ طرح پيار جو اظهار ڪريون ۽ هي حقيقت دل سان مڃون. جنهن کي لاکيٽي لطيف، ختم نبوت توڙي ساراهہ جو حوالي سان انتهائي سهڻي نموني پيش ڪيو آهي:

جڪرو جس ڪرو، ٻيائي مڙيئي مل،
سمي جي سهاڳ جي، ڪنهن نہ پوي ڪل،
مٿي ان مرسل، اصل هئي ايتري!

5 ڊسمبر 2000ع — علي دوست عاجز
فريد آباد ، ميهڙ
دادو ، سنڌ.





# ساراهہ
# سچو ڏٽي

www.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

تون لحظي ۾ هڪ جهوتي کي،طوفان ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين!
الله منا! هڪ قطري مان، انسان ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين!

هي اوکا پنڌ پهاڙن جا، هي باري منزل موت پري،
جي ساٿ ڏئي هن مشڪل کي آسان ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين!

جت رئيس وڏيرا جام هيا، سردار قريشي سڏجن پيا،
ات هڪڙي يتيم تي نازل جي قرآن ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين!

جي يونس پيٽ مڇي ۾ رهي، جي يوسف بازر منجهہ ڪپي!
جي ڪربل منجهہ امام کهي، حيران ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين!

تون ڪاتيءَ هيٺيان ڪنڌ ڪڍين، تون باهہ کي باغ بڻائين ٿو،
آباد دليون هڪ لمحي ۾ سنسان ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين!

ڪا دير نہ آ ڪنهن نوڪر کي زردان ڏئي سلطان ڪرين،
سلطان جي سلطاني کي ڦري، دربان ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين!

تون وهندڙ واهہ ڦٽائي سگهين، تون مينهن وسائي قرب ڪرين،
پنهنجي تي اچي جي باغن کي، ويران ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين!

زربخت سفر جي آساني ڪجهہ ناهي، "بروهي جوهر" کي،
پر پوءِ بہ گهرائي پاڪ حرم، احسان ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين!





ٿوڙ زماني جا سڀ سانگا هڪڙي خدا جي در ڏي هل!
مرض هجي توڙي قرض هجي تون رب عُليٰ جي در ڏي هل!
آدم سان پلايون ان جون،
تعريفون سڀ ڳايون ان جون.
نوح جو ٻيڙو پار ڪيو، تنهن مهر سخا جي در ڏي هل،
باهہ خليل لئہ ٻاري ويئي،
باغ مثال سا ٺاري ويئي.
تسبيحون ۽ حمد الاهي، شان وفا جي در ڏي هل!
مرض منجهان ايوب ڇٽو،
۽ وڇڙيل پٽ يعقوب ڏٺو.
سچائي جا ساز سنواري پاڻ دعا جي در ڏي هل!
زڪريا پڻ جهور هيو،
پر ان کي پٽ جو تور مليو.
اڻ ٿيٽي هت ٿي ويندي، اڄ حڪم عطا جي در ڏي هل!
موسيٰ دشمن جي گهر پليو!
نيل ندي مان رستو مليو.
تون بہ ڪليم جي راهہ وٺي بس رمز رضا جي در ڏي هل!
ان بن ڪو معبود نہ ٻيو،
مطلوب نہ ٻيو مسجود نہ ٻيو
ها تہ "بروهي جوهر" مالڪ ارض سما جي در ڏي هل!

تنهنجي قدرت قرب ڪمال اڳيان حيران هزارين مان نہ رڳو!
هر شام سحر سو حمد پڙهن انسان هزارين مان نہ رڳو!

فلڪن ۾ چٽيل سج چنڊ ڪتيون، صدين ڪان ٻرن تارن جون ٻتيون،
تسبيح ٿا ڳائن صدق منجهان نيشان هزارين مان نہ رڳو!

ڪو صفي بہ آ ڪو خليل بہ آ، ڪو ذبيح، ڪليم جميل بہ آ،
پر مدني مير مهابي مجن احسان هزارين مان نہ رڳو!

بوبڪر، عمر، عثمان، علي، تسبيح پڙهن ٿا پير ولي،
هر پيري اچي در تي ٿا جهڪن سلطان هزارين مان نہ رڳو!

تون دردن منجهہ دوا بہ ڏئين، تون مرضن منجهہ شفا بہ ڏئين،
تنهنجي قدرت حيرت منجهہ وڏا لقمان هزارين مان نہ رڳو!

تون رحيم، ڪريم ۽ رازق آن، تون علم بصير ۽ خالق آن،
تنهنجي مهر ڪري آباد ڇڏيا ويران هزارين مان نہ رڳو!

تنهنجو ڪافي ڪشادو هي در آ، جت سوالي "بروهي جوهر" آ،
هن در تان ونن ٿا فيض ڪرم عرفان هزارين مان نہ رڳو!

قادر پنهنجي قدرت سان ڪلجڳ جا نظارا جوڙي ٿو،





ڪنهن ڪي ٻر ۾ ٻوڙي ٿو ڪٿ سير سهارا جوڙي ٿو.

غرق اجهو فرعون ٿيو، ۽ ڌرتي ۾ قارون ويو،
موسيٰ سائين جي لشڪر لئہ نيل ۾ چارا جوڙي ٿو.

ڪيڏو رتو سينگار بہ آ، هي تخليقي شهڪار بہ آ،
مٽيءَ مان انسان بہ سهڻي صورت وارا جوڙي ٿو.

ڌرتيءَ تي هر ساوڪ آ يا آبادي ۽ راهڪ آ،
اُڀ ۾ ڏس جو بادل سهڻا پورا ڪارا جوڙي ٿو.

چنڊ گواهي ڏيندو آ ۽ سج بہ هيئن ٻوليندو آ،
"ليس ڪمثلہ شيءُ" جڳ ۾ جيس هزار جوڙي ٿو.

دريائن ۾ ڪيئي ذاتيون، جهنگ ۾ مست الست حياتيون،
ڪوبہ نہ ڪنهن ڪان اڳرو آ، هر ڪنهن جا چارا جوڙي ٿو.

هيٺن سان همراهہ رهي ٿو، رازن ڪان آگاهہ رهي ٿو،
ڏاڍ ڪي پل ۾ پور ڪري ٿو، عدل اشارا جوڙي ٿو.

پنهنجي کهڙي ضرورت آهي، پوءِ بي روز پيو ٿو ناهي،
مهر مثالي آهہ "بروهي جوهر" پارا جوڙي ٿو.

ڪون و مڪان ۾ بس الله بي مثل آ،
ڪر ڳالھ دل جي ڪولي، مڃندو ھو ھر سوال آ.

راحم رحيم سائين، قادر ڪريم سائين،
حاڪم حڪيم سائين، باقي آ لازوال آ.

تنھا آ ذات ان جي، ازلي صفات ان جي،
ڏس لم يلد جي ٻولي، نہ ڪو اھل ۽ عيال آ.

الله ذات اڪبر، ناھي سندس ڪو ھمسر،
نقصان فائدو بس بخشيندو ذوالجلال آ.

"ليس ڪمثله" آ ۽ شان وحده آ،
دلين جا راز ڄاڻي، ڄاڻيندو ھر حوال آ.

قرآن ڪلام ان جو، آ فيض عام ان جو،
سندس صفت وڏي آ "جوھر" ڪي ڇا مجال آ.

آ رحمان رازق سميعُ بصير،
خدا آ، "علىٰ ڪل شيءِ قدير".





سو ماجد ۽ قيوم، قادر، غني،
بلا شڪ "بما تعلمون خبير".

آ رازق، منان مالڪ ۽ حي،
سو فتاح، تواب، ظاھر، ڪبير.

گداگر ڪي ٿو بادشاھي ئي،
ڪري بادشاھن کي پينو فقير.

پڇي ڪير سگھندو سندس امر ڪان،
بھرحال آھي "اليه المصير".

اٻوجھن ۽ ھيڻن جو آ آسرو،
اھو "نعم مولىٰ ونعم النصير".

اسان تي سندس خاص احسان آ،
مُڪائين محمد بشير ۽ نذير.

بچائيندو "جوھر بروھي" کي ھو،
انھي ڏينھن کان " شره مُستطير".

غير جي در مٿان سر جهڪائڻ شان تنهنجو مسلمان ناهي!
مهربان جڳ تي الله آهي، ٻيو ڪو رزاق رحمان ناهي!

شان ان ڪبريا جو سدائين وحده لاشريڪ له آ،
“ قل هو الله” کي سوچجان تون چو ته توحيد آسان ناهي!

ناهه الله سان ڪو صفاتي، شان پنهنجي ۾ آهي اڪيلو،
سو ٿو ماري جياري هميشه ٻئي جي قبضي ۾ ڪا جان ناهي!

اڄ وري پور ٿيا بت سڀيئي، جڏ خليلِ خدا آيو آهي،
آهي نمرود جا باهه ٻاري، باهه ان ۾ چراغان ناهي.

جڏ ڪليمِ خدا لٺ کنئي هئي، تڏهن ٿيا غرق فرعون ڪيئي،
شان موسيٰ جو آهي نرالو، جو نبين جو گهٽ شان ناهي.

پاڪ ٿيو مير مدني جي صدقي شرڪ بدعت کان سارو زمانو،
جيڪو سچو مسلمان آهي، پوءِ بدعت جو امڪان ناهي.

گهوري سر ٿي ڏنو دين جي لئه، جن سبق مصطفيٰ کان پرايو،
حيف ان شخص کي آهه جيڪو، مصطفيٰ جو ثنا خوان ناهي.

جيڪو وحدت کان اڻ ڄاڻ آهي، چيڙ ان کي نه “جوهر بروهي”
جيڪو ختم نبوت جو منڪر، سو ته موذي آ انسان ناهي
.





مٺي سپ کان توحيد جي لات آ، خدا وحدهٗ لا شريڪ لهٗ
سدا شرڪ کان پاڪ سا ذات آ،خدا وحدهٗ لا شريڪ لهٗ

جو پٿر مان پاڻي ٿو پيدا ڪري،
سندس حڪم سان تار ترهو تري.

سندس حڪم آڏو عقل مات آ، خدا وحدهٗ لا شريڪ لهٗ

جو خلقي ۾ روزي ٻه بخشي پيو،
عجب صورتون روز ترشي پيو.

سندس امر ۾ ڏينهن ۽ رات آ،خدا وحدهٗ لا شريڪ لهٗ

پٿن تي وسائي ڪٽيون ڪو ڪڪر،
ته ان کي ٻه هوندو خدا جو امر.

سندس مِلڪ پاڻي ۽ برسات آ،خدا وحدهٗ لا شريڪ لهٗ

جي پُٽ بخشي ڏيئون ڏئي پاڻ ٿو،
ڪروڙن کي ڏيندو رهي ڏاڻ ٿو.

نه همسر سندس لات منات آ،خدا وحدهٗ لا شريڪ لهٗ

اميدون رکي ٿو هي “ جوهر” سدا،
رهي ٿي سدائين خدا جي عطا.

جي ڏوهي کي بخشي ته ڇا بات آ،خدا وحدهٗ لا شريڪ لهٗ

كلمو پڙهي اي مسلمان تون شرڪ ڏي مائل نہ ٿي!
پابوهہ مان قرآن پڙهہ، شيطان جو گهايل نہ ٿي!
دل پاڪ رک هر خيال کان،
گهر ٻار کان زر مال کان.
الله جو رک آسرو، الله کان غافل نہ ٿي!
هر مرض ۾ ڏيندڙ شفا،
رازق بہ مالڪ خدا.
غيرن جي در چو ٿو جهڪين، دوزخ ۾ تون داخل نہ ٿي.
هي آسمان ۽ هي زمين،
وحدت جا شاهد باليقين.
تڪيا ٿو پيتين اي چريا، تون ڪوڙ جي قائل نہ ٿي.
پڪين جي جا جهونگار آ!
حق وحده ستار آ!
"اياڪ نعبد" سوچجان، ايڏو سجڻ جاهل نہ ٿي.
توحيد جون لاتيون لنوي،
"جوهر بروهي" ٿو چوي.
جذبا هڙئي پختا هجن تون شرڪ سان شامل نہ ٿي.





خدا جو چڏي در، پني جيڪو در در اهو دربدر ٿيو نہ هيڏي نہ هوڏي
جو ڪائي ۽ پيئي مڃي کونہ ٿورو، تہ سو بي قدر ٿيو نہ هيڏي نہ هوڏي

ڪنبي، ڪرڙ کي ٿو جهڪي چاهہ منجهان وڃي پير جي در تي باسون ٿو باسي،
ڪري بت پرستي قبر کي چمي ٿو ۽ پوڄي پٿر ٿيو نہ هيڏي نہ هوڏي

نہ ڪلمي ڪلام، خدا کي ٿو ڄاڻي رڳو پيٽ لئہ دين ۾ ٿو دخل ڏئي،
نہ سنت کي سمجهي نہ بدعت کي سمجهي اصل بي خبر ٿيو نہ هيڏي نہ هوڏي

ولين جي در تي تماشو ڪري ٿو نياڻيون وٺي ٿو نچائي نياڳو،
تقدس ولايت جو پرزا ڪري ٿو تہ سو ڪم نظر ٿيو نہ هيڏي نہ هوڏي

ڪڏهن هيڪڙائي ٻيائي بڻي آ؟ ڪٿي " قل هو الله" مٽجي سگهيو آ،
جو توحيد سمجهي مخالف رهي ٿو ڪنو شوم شر ٿيو نہ هيڏي نہ هوڏي

خدا پاڪ بخشي ٿو روزي سڀن ئي، هو پائي ٿو غيرن جي آهي ڪمائي،
اها ذهنيت سوچ بلڪل غلط آ، اهو معتبر ٿيو نہ هيڏي نہ هوڏي

جو مرڪز آ سجدن جو باري تعالىٰ، انهي در تي جهڪجي اي "جوهر بروهي"،
انهيءَ در تان ملندو وڏو ڏاڻ ڏاها، چڙيو جنهن هي در ٿيو نہ هيڏي نہ هوڏي

ڏيهن جو ڏاتار تون ئي سائين آهين!
جڳ جو پالڻهار تون ئي سائين آهين!

اپ ذرتي تو جوڙي آهي،
خلقت جوڙي جوڙي آهي.
بيشڪ خلقڻهار تون ئي سائين آهين!

چنڊ اپارين سج اپارين،
ويراني ۾ ٻج اپراين.
رازق رب ستار، تون ئي سائين آهين!

موت حياتي تنهنجي وس ۾،
ڍال ۽ ڪاتي تنهنجي وس ۾.
فتح ڏئين يا هار تون ئي سائين آهين!

ڌرتي سائي اپ ۾ تارا،
رنگ نرالا اندلث وارا.
ارپين ڪل سينگار تون ئي سائين آهين!

پٿر اندر جيون پلجي،
باهه پيٽ ۾ گلشن پلجي.
وهوا ڪاروبار تون ئي سائين آهين!

اڻ ڪٿ آهي مهر جو ساگر،
ٻاجهه گهري ٿو "بروهي جوهر".
هيڻن جو آڌار تون ئي سائين آهين!
بيوسن جو واهرو مقصود تون!
۽ بلا شڪ آهين حق موجود تون!





سر نوايان غير آڏو شرڪ آ،
ڇو تہ ڪلجڳ ۾ فقط معبود تون!

"تخرج الحي من الميت" سدا،
فضل پنهنجي سان ڪرين ٿو جود تون!.

شام توڙي صبح توڙي ڏينهن رات،
هر گهڙي ۽ هر طرح مسجود تون!

ڪک، پٿر، پتر ۾ حڪمت آ رچيل،
ڪونہ ٿو خلقين ڪڏهن بي سود تون!

نوح، آدم، مصطفيٰ ، موسيٰ ، خليل،
تو بڻائين سهڻو يوسف، هود تون!

ڏوهي آ "جوهر بروهي" ڏوهي آ،
هر خطا ان جي کي ڪر نابود تون!

هن امت کي توحيد سان گڏ، مدني ٻہ مليو، قرآن مليو.
الله سان ڪوبہ شريڪ نہ آ، هي عقيدو ۽ ايمان مليو.

ليس ڪمثله شيءٌ خدا، ازلي ابدي، آهہ سدا،

رازق، قادر، حاڪم، مولا ٻاجهہ پريو رحمان مليو.

سونهي ان کي هر سجدو، ذڪر، قيام، رڪوع قعدو،
هي ولي ۽ نبي ٻہ اتي ٿا جهڪن، جي جهڪيا الاهي شان مليو.

صبح سويرا آٿي ٿو، هو رات انڌيرا آٿي ٿو،
ان امر ڪيو ٿو موت ملي، يا جيون کي جيئندان مليو.

خالق ارض سما جو آ، ۽ خالق حب نوا جو آ،
سج، چنڊ، ستارا جرڪن ٿا، انسان کي هي سامان مليو.

هڪ رب ئي پوڄا لائق آ، جو مشرڪ آ نالائق آ،
مشرڪ تہ پليت نجس چئبو، هر مشرڪ کي ارمان مليو.

هي "بروهي جوهر" ڏوهي آ، ٻيو ڪوبہ نہ واهي اوهي آ،
هر آسمني الله ۾ آ، مومن کي اهو فرمان مليو.

الله احد آهي، بي نياز صمد آهي
در بند ٿيو ناهي!

رازق بہ اهو آهي، ٿاهي بہ پيو ڊاهي،
ڊاهي بہ پيو ٿاهي،
در بند ٿيو ناهي!

سنيار سچو مولا! ڏک سور سپيئي لاهي،





جڳ ان جي اڳيان ڇاهي،
در بند ٿيو ناهي!

قادر بہ ڏٺي آهي، ڪو سينو ڀلا ساهي،
هر ڏاڍ کي ٿو ڳاهي،
در بند ٿيو ناهي!

تک تار مان تاري ٿو، سڙهہ ساز ٿو سنڀاهي،
ٿئي ائين جيئن چاهي،
در بند ٿيو ناهي!

اڄ نيٺ "بروهيءَ" کي، هيئن آهہ ڇيو ڏاهي،
غافل تہ نہ ٿي گاهي،
در بند ٿيو ناهي!

تخليق ٿي پڪاري، الله وحده آ،
جڳ جنهن ڇڏيو سنواري، الله وحده آ.

سج، چنڊ ۽ ستارا، درياهہ مينهن سارا
اوتر ڪڪر بہ ڪارا، پل ڏينهن رات وارا،
باڪون پيون اجاري، الله وحده آ.

آ سونهن هر نگر ۾، بستي شهر شهر ۾،

وڻ ٽڻ پتر ۾، دل روح ۽ نظر ۾،
هر ڪو پيو اچاري، الله وحده آ.

قادر قديم سائين! حاڪم حڪيم سائين!
ڪافي ڪريم سائين! جڳ لئہ رحيم سائين!
ساري فضا تنواري، الله وحده آ.

ٻاهيون ٻريل ٿو ناري، ٻيڙا ٻڏل ٿو تاري،
جيئرا پيو ٿو ماري، جيڪو جڏا جياري،
هر سير مان اُڪاري، الله وحده آ.

ڏوهي"ٻروهي جوهر" غلطيون ڪري ٿو هر هر،
رب ڪان ٻنا نہ واهر، هيڻن جي لاءِ آڌر،
هر ڪو سندس سهاري، الله وحده آ.

الله احد معبود ٻہ تون،
لافاني سدا موجود ٻہ تون.

هو اقصيٰ ڪعبه اطهر ڇا،
هي مسجد، مصلو منبر ڇا،
هر طرح فقط مسجود ٻہ تون.

توريت ڏنو ۽ زبور ڏنو،
قرآن حڪيم جو نور ڏنو،
تون ڪريم ٻہ آهين ودود ٻہ تون.

انڪار ڪري نمرود ٿيو،





اقرار ڪري دائود ٿيو،
ٿو جوڙين عاد ثمود ٻہ تون

هر گهر جو پاتي تو وس آ،
۽ موت حياتي تو وس آ،
سينگارين ٻگاڙين وجود ٻہ تون.

سج چنڊ ستارا اپرن ٿا،
يا پوک ۾ سنگ ڪي نسرن ٿا،
منحوس ڪرين مسعود تون..

اوندهہ ڪي نرالو شان ڏنو،
۽ "جوهر" ڪي ايمان ڏنو،
تو قبولين دعا ۽ درود تون.

عزيز قادر ڪريم آهي،
خدا تعاليٰ رحيم آهي.

هو بحر ٻر منجهہ ساٿي سڀ جو،
۽ شهر گهر منجهہ ساٿي سڀ جو،
قدير، قائم قديم آهي.

فلڪ ۽ ڌرتي، هوا يا پاڻي،
هو ساهہ ساهن سان آهي ساڻي،
بصير، عالم ، عليم آهي.

ڦري، ڏئي يا جياري، ماري،
سڙهن بنا هو سمونڊ تاري،
شفا ڏئي ٿو حڪيم آهي.

هي چنڊ، سورج، ستارا ان جا،
بهار، ساوڻ، سيارا ان جا،
مجيد، خالق، عظيم آهي.

ولي به ان جو ۽ ڏوهي ان جو،
هي بندو “جوهر بروهي” ان جو،
ودود رب ۽ حليم آهي.

رب تعاليٰ جڳ کي جيوت ٿو ڏئي،
هر ضرورت جي به پورت ٿو ڏئي.

رات ڪانپوءِ ڏينهن آڻي ٿو اهو،
سوڪ آڻي مينهن آڻي ٿو اهو،
ساهه بخشي قوت قوت ٿو ڏئي.

هو ڏئي عزت ۽ ذلت من يشاءُ،
گلشنن کي گل ڏئي، گل کي هڳاءُ،
زندگي کي سونهن صورت ٿو ڏئي.

چنڊ سج جو ۽ ستارن جو ڏٽي،





بي سهارن لئه سهارن جو ڏٽي،
درد ويلي فرق فرحت ٿو ڏئي.

مرض ويلي ٿي شفا ايوب کي،
هن ڏنو موٽائي پٽ يعقوب کي،
غم ڏئي يا دل راحت ٿو ڏئي.

گهر سفر ۾ ساٿي آ سبحان آ،
حال هيڻن لئه سدا رحمان آ،
سچ جي “جوهر” کي جرئت ٿو ڏئي.

خدا پاڪ هر هر ڪبيون لک چڱايون،
هجن يار ٿورا به ٿورا ته ڳايون.

هي سج، چنڊ تارا، ٻنيون پاڙي، ٻارا،
اکيون چپ، اشارا، مکڻ ، ماکي ڏارا،
وٺي ان جو نالو ٿا ٻاهيون اجهايون.

ٿيو صبح روشن، سُهائي جو درشن،
زمانو آ گلشن، مجيو ڪل ملوڪن،
ٿو ڳائي زمانو به وحدت جون وايون.

اجها رات ڪاري، جا روحن تي ڀاري،
مگر رب سنواري، ستارن سان ساري،
انهيءَ بي مثل ذات سان نينهن لايون.

هي درياهه، ساگر ڪتابن جا ڪاڳر،

نڌڻڪن جي آڌر، ٿئي پاڻ واهر،
نشانيون سندس هيڪڙائي جون آيون.

هو ماري، جياري، سمهاري اٿاري،
ڪندون ڪير پياري، ۽ اوندهه اجاري،
سو "نور السموات والارض" پانيون.

منو رب تعاليٰ، سندس شان بالا،
سوين ان جا نالا، ڪرم جا حوالا،
اي "جوهر" اخدا ڪي ٿيون سونهن وڏايون.

مرڪ موحد ماڳ ملڻ لئه آهي ملي دلداري،
رب سان ناتا جوڙ نرالا نينهن لڏي نرواري.

رب سان ڪوبه شريڪ نه آهي خالص آ توحيد اها،
ڪلمي تي ويساهه مڪمل مومن جي لئه عيد اها،
سمجهه سچو قرآن سمورو وحدت جي چوياري.

ڪوڙ هتي نادان نه ڄاڻن الله جو فرمان اجهو،
شرڪ خدا سان ، ظلم وڏو آ فرمايو قرآن اجهو،
ان جي برابر همسر ڪونهي شان سندس آ باري.

هڪ لک چوويهه هزارن درس ڏنو الله احد،
تسبيحون به اُن جي نالي لم يولد بي نياز صمد،
آيت ڪرسي پاڻ پڙهي ڏس ٿيندي باغ بهاري.





ڄام مديني واري جي تبليغ جو مطلب آهه اهو،
مارينڌڙ يا جيارينڌڙ يا خالق ۽ رب آهه اهو،
ظاهر باطن صاف رکو جو حڪم اٿو سرڪاري.

هڪ ڏينهن چڏبي ياري باشي وجبو ڏيهه پرائي،
شال "بروهي جوهر" تنهنجي مولا واهه ورائي،
نفسي نفسي جا ٿي هوندي تنهائي چوڌاري.

خدا آهه والي واحد ڪون و مڪان جو،
وڏي مهر وارو رب زمين آسمان جو.

اميرن ڪي سو ٿو گداگر بڻائي،
جي چاهي سچي تونگر بڻائي،
حڪيم آهه حاڪم آ، گهڙين ۽ زمان جو.

عبادت رڳو ان جي آهي ضروري،
اي پائو چڏي ڏي جهالت سموري
سبق بندگي جو پڙهه ڏسيل آ قرآن جو.

اڏا ڪفر جا شرڪ جا ٽوڙيا پيا،
مني رب سان رابطا جوڙيا پيا،
هجي پروسو رب جو نه زرهه و ڪمان جو.

اي "جوهر بروهي" اسان جون صدائون،
اگهي نيٺ ويندين اسر جون دعائون،
ڪرم آهه جڳ تي وڏو ذوالمنان جو.

غير جي در تي ڌڪا کائين ڪٿل ويساهه جا،
تو وساري ڇو ڇڏيا، ٿورا مني الله جا.

جنهن ڏنو ختم نبوت تاج مدني کي پلو،
جو ٿيو هو نوح لئه طوفان اندر پرجهلو،
۽ خليل الله لاءِ شعلا مٿيا آڙاهه جا.

ڪوهه ۾ ساٿي ٿيو يوسف مٺي محبوب کي،
مدتن کان پوءِ مليو يوسف وري يعقوب کي،
۽ ڏنائين پاڻ آدم کي به رتبا واهه جا.

جنهن نپايو پاڪ موسيٰ کي رکي فرعون گهر،
جنهن ڏنا مريم کي ميوا اڻ مندا مسجد اندر،
۽ بنا پيءُ جي ڪيا عيسيٰ تي ٿورا ساهه جا.

سوئي آ مشڪل ڪشا، حاجت روا، رازق رحيم،





پنهنجي منشا منجهه آ، مختيار ۽ قادر ڪريم،
۽ سندس شاهد ورق سچي ڪلام الله جا.

تنهنجي در محتاج هر عالم، ولي، مولاءِ روم،
يا خدا پارت هجي پينار آ "عبدالقيوم"،
تو ۾ آهن آسرا مجبور جا، بي واهه جا.

جڳ ۾ جو دم جيئو، جيئو الا الله جي وائي سان،
وحدت وارا نغما ڳايو ساٿي سرت سچائي سان.

رڪندو آهي مشرڪ ڪافر، ڪوڙ ڪفر سان چاهت اڪثر،
تون ته خدا جو پوڄاري آن، عربي تنهنجو آهي دلبر،
ڪلمي وارو ماڻهو ڪندو نفرت ڪوڙي ڪمائي سان.

تو جو ڇيو الله احد آ، والي واحد پاڻ صمد آ،
پختو تنهنجو عقيدو آهي سوئي ازلي تا به ابد آ،
باطل وهم ڦٽِ ڪر ۽ لونءُ لاءِ نه ڪنهن هرجائي سان.

رازق ۽ ستار اهو آ، جانب ۽ جبار اهو آ،
جيت، پکي ۽ ماڻهو ڇا پر ڏيهن جو ڏاتار اهو آ،
اوڪو وقت اڪاريندو آ، پنهنجي ٻاجهه سٺائي سان.

خالق حب نويٰ جو آهي، خالق ارض سما جو آهي،
رک ايمان "بروهي جوهر" ٻڌنڌڙ آهہ دعا جو آهي
هن در تي لک گذريا آهن شاهنشاهہ گدائي سان.

مان گنهگار تون ستار آهين،
منهنجا رب ڏيهہ جو ڏاتار آهين.
هي فلک چنڊ ۽ تارا،
مست درياهہ جي ڌارا،
يا تہ ڌرتي جا نظارا.
کن ٿا تسليم تہ پالڻهار آهين.
ساهہ ٿوڙين تہ بہ وهوا،
ملک ٻوڙين تہ بہ وهوا،
جيءَ جوڙين تہ بہ وهوا،
ساري مخلوق جو تون دلدار آهين
تون نظارن جو بہ سائين،
ساهہ وارن جو بہ سائين،
۽ قرارن جو بہ سائين،
آهي اقرار تہ تون جيءَ جيار آهين.
تون تہ تقدير جو مالک،
سوچ تدبير جو مالک،
ساهہ ۽ سير جو مالک،





ها تہ "جوهر" جو بہ تون ئي نگهدار آهين.

نڌڪن ضعيفن جو الله حامي،
نڌوري نصيبن جو الله حامي.

هجي رات کاري، سفر ۾ انڌاري،
مخالف ٿئي ٿي جي دنيا بہ ساري،
جَڏن بي وسيلن جو الله حامي.

ٿئي لوک دشمن، جلي سارو گلشن،
کرم سان کري رب سائين ٿو روشن،
نماڻن، شريفن جو الله حامي.

هو ايوب سائين يا يعقوب سائين،
۽ هجرت کئي پاڻ محبوب سائين،
نبين حبيبن جو الله حامي.

اي "جوهر بروهي" ٻي کا واهہ کانهي،
جي الله آهي تہ پرواهہ کانهي،

مون پارن غريبن جو الله حامي.

اي صبح جا ٻہ سائين، اي شام جا ٻہ سائين،
ڪمزور ٻيوسن جا ٻيڙا ٻني تي لائين.

توکان سواءِ ٻيو ڪو الله ڪونہ آهي،
معبود ڪنهن ٻئي تي ويساهہ ڪونہ آهي،
نالو وٺان مان تنهنجو سڪرات موت ٽائين.

ڌرتي جبل ۽ پاڻي، برسات يا هوائون،
اڌندڙ پکي پکڻ سپ يا جيت ۽ بلائون،
پوکون پليون ۽ گهاٽيون تون ٿو پيو اپائين

پٽ يا نياڻيون بخشين آهين رضا جو راڻو،
تو ئي ڪيو مقرر هر ڪنهن جو رزق داڻو،
حڪمت سان ڪارخانو جڳ جو پيو هلائين.

سڀ وس ۾ تنهنجي آهي، هي چنڊ ۽ ستارا،
هي سرءُ يا بهاريون اونهارا يا سيارا
موجود تون ئي آهين، موجود تون سدائين.

"جوهر ٻروهي" تو در هر دم سوالي آهي،
پينار ٿو پني پيو ۽ جهول خالي آهي،
مرندي گهڙيءَ اي مولا! ڪلمو مونکي پڙهائين.





## حمد

ناهيان حمد ثنا جي لائق مان، تون پنهنجي نظر ڪر ڪرم پري،
ملي آٿت هر احساس کي اڄ ٺئي تسلي جهنگ جهر ڪرم پري.

ڪک پن جو خدا، جوين جو خدا، ماندن جو خدا، ملڪن جو خدا،
هن هن جو خدا، تن من جو خدا، گلشن جو خدا، فلڪن جو خدا،
تون آهين احد! تون آهين صمد! ڪر ٻاجهہ اي قادر ڪرم پري.

تنهنجو نالو دوا، تنهنجي وس ۾ شفا، ٿو قبولين دعا، الله منا!
بر بحر، فضا، سڀ امر ۾ آ، تون رب عليٰ، سبحان سدا،
تون رحيم، ڪريم ۽ فضل پريو، تنهنجي مهر ٻہ هر هر ڪرم پري.

جڳ جبار جيئي، مخلوق مري، يا ڪائي پيئي، تنهنجو حڪم ٿئي،
سج چنڊ هجي، تسبيح پڙهي، توکي سجدا ڪري، ساراهہ چئي،
پڙهيو ڪلمو شهادت شوق منجهان، ٿي آ ذات اجاگر ڪرم پري.

درياهہ هجي، يا ٻاهہ هجي، ڪا ڪاهہ هجي، آڙاهہ هجي،
هر آهہ هجي، ويساهہ هجي، همراهہ رڳو الله هجي،
ان ذات ۾ چو نہ اميد رکان، اي "ٻروهي جوهر" ڪرم پري.

# رب سائين!

جنسار جوڙ جوڙين تون بي مثال آهين،
تون مهربان آهين، تون ذوالجلال آهين.
تون ساگرن کي موڙين،
اوچا جبل به ٽوڙين،
پٿر مان ڏاچي جوڙين،
طوفان آڻين، پوڙين
هر دل مڃي رهي آ ڪندو ڪمال آهين،
تون مهربان آهين تون ذوالجلال آهين.
تنهنجي ئي هٿ ۾ برڪت،
ڌيءَ پٽ ڪرين عنايت،
ڪنهن کي نه آهه جرئت،
تنهنجي ڪري شڪايت.
جيڏو آ نالو تنهنجو ايڏو وشال آهين
تون مهربان آهين تون ذوالجلال آهين.
بخشين ته ڪو پڇا ڇا،
پڪڙين ته ڪو ڪڇي ڇا،
آڏو اچي، اچي ڇا،
ليلائي ۽ لڇي ڇا،
ڄاڻين تو راز دل جا، ڄاڻيندو حال آهين،
تون مهربان آهين تون ذوالجلال آهين
مينهڙا وسائين مولا!
هر شي اپائين مولا!
روزي رسائين مولا!
ساهن جا سائين مولا!





ڏاتار ڏيهه جو تون مڃيندو سوال آهين،
تون مهربان آهين، تون ذوالجلال آهين.

مخلوق تنهنجي آڌر،
اڀ، ڌرتي، جبل، ساگر،
ڳائي "بروهي جوهر"،
تنهنجو ئي حمد هر هر،
ڏينهن رات ۽ مهينا ٺاهيندو آهين،
تون مهربان آهين تون ذوالجلال آهين.

## لا اله الا الله

دم دم تون الله پڪار،
لا اله الا الله
ويلو وقت ۽ وار نه وار،
لا اله الا الله.
هر ڪنهن شيءِ تي قادر آهي،
هٿ هٿ حاضر ناظر آهي
اول توڙي آخر آهي،
مالڪ رازق ناصر آهي،
ڪل سنسار جو آ ستار،
لا اله الا الله.

مارڻ جيارڻ ان جي وس ۾،
سونهن سنوارڻ ان جي وس ۾،
تڪمان تارڻ ان جي وس ۾،
مشڪل ٿارڻ ان جي وس ۾،

سوئي جڳ جو پالڻهار،
لا اله الا الله.

باهه کي باغ بڻائڻ وارو،
اوپڙ ان اپائڻ وارو،
ڏاڍ ڏمر کي گهائڻ وارو،
رازق رزق وڌائڻ وارو،
سج ۽ چنڊ جو پڻ اظهار،
لا اله الا الله.

خلقيندڙ سهدار پکي جو،
آڻيندڙ هر درد خوشي جو،
چاڙهو هر هڪ دور صدي جو،
رب تعاليٰ نبي ولي جو،
وک وک تي ٿيا قرب قرار،
لا اله الا الله

ڪوني قرب ڪري تو سائين،
پيٽ ۾ پل پري تو سائين،
ورلائڻ ۾ وري تو سائين،
دم دم ڏيان ڏري تو سائين،
ان جي وس مخلوق مهار،
لا اله الا الله.

صبح به ان جو شام به ان جي،
جڳ تي بخشش عام به ان جي،
فضل عطا آ جام به ان جي،
آهيون پاڻ ته سام به ان جي،





ساعت ساعت سو سنيار،
لا اله الا الله

اونداهي کي نور ڏئي تو،
سک ۾ سرت، سرور ڏئي تو،
همت، هيج، حضور ڏئي تو،
سولايءَ کي به ضرور ڏئي تو،
ڪک، پن ان جو تابعدار،
لا اله الا الله.

آهه جلال اڪرام جو سائين،
نذر، نياز، سلام جو سائين،
بي شڪ خاص عوام جو سائين،
آقا توڙي غلام جو سائين،
ان جي حڪم ۾ ميگهه ملهار،
لا اله الا الله

برڪت وارو ان جو نالو،
پنهنجي ذات ۾ پاڻ نرالو،
دان سخا جو آهه حوالو،
"جوهر" گهوريان گيت جمالو،
جڳ منگتو ۽ هو ڏاتار،
لا اله الا الله.







.








نٿهڻ ويلي چانوَ چپر ٿي آيو آ،
ساوڻ مند ۾ وس پهر ٿي آيو آ.

چيٽ جي چنڊ کي چاندوڪيون جنهن ارپيون هن،
بر ۾ بهاري لاءِ ڪڪر ٿي آيو آ.

پهرين نظر سان تاسارن جي تاس لٿي،
جڳ واسين لئہ مهر اثر ٿي آيو آ.

جيءَ جڙي پيا، وسٽي رنگ رتا،
علم تہ چا پر پاڻ اکر ٿي آيو آ.

صبح ٿڙيا ۽ نور جون باڪون اڀري پيون،
سونهن نگر ۾ڻ ساهہ ثمر ٿي آيو آ.

ساکي جنهن جي شان جو آهہ ڪلام خدا،
ازلي ناه، پوءِ بہ امر ٿي آيو آ.

"جوهر" منهنجي جيءَ جياپي لاءِ اجهو،
مدني سائين وٽ وکر ٿي آيو آ.

مدني اچڻ سان ئي ايمان مليو آهي،
توحيد ملي آهي، قرآن مليو آهي.

ڪعبي ۾ رکيا ويا هيا، بت لات ۽ عزيٰ جا،
بت ڀور ٿيا، ڪعبو شادان مليو آهي.

پٿڪين ٿو اجايو تون، در در تي ادا سائين،
هڪ در تي جهڪڻ جو ئي فرمان مليو آهي.

رک صاف عقيدو تون توحيد رسالت جو،
هن طرح شفاعت جو سامان مليو آهي.

سر صدقي ڪيا آهن جن دين جي الفت ۾،
قرآن پڙهي ڏس تون ڇا شان مليو آهي.

آ ناز زماني کي مدني جي مهابي جو،
ابوبڪر، عمر، حيدر عثمان مليو آهي.

ڪر خوف تہ اي "جوهر" حق ڳالهہ ٻڌائڻ کان،
رزاق خدا باري رحمان مليو آهي.





محمد مصطفيٰ آيو، بتن جا ڪنڌ ڪٽجي ويا،
ڪفر ۽ شرڪ، بدعت جا وڏا درياهہ لٿجي ويا.

مڪي ۾ مصطفيٰ ڄائو، بتن ۾ زلزلو آيو،
ڊٺا ڪسريٰ جا ڪنگرا، ڪوٽ جا بنياد پٽجي ويا.

جڏهن محبوبن عربي پير پاتا پاڻ ڌرتي تي،
هوا جا رخ بدلجي ويا، فضا جا رنگ مٽجي ويا.

حرا کان نسخئہ قرآن آندو مير امت ڏي،
قريشي قوم جا ڪافر ڪٺا سردار سٿجي ويا.

ابوبڪر ۽ عمر، عثمان، حيدر کي بشارت ڏي،
چئن يارن جا دشمن اڳ ڦٽيا، هاڻي بہ ڦٽجي ويا.

محمد رحمة للعالمين جڏ جوش ۾ آيو،
احد ۽ بدر ۾ بي شڪ وڏا خناس ڪٽجي ويا.

اسان "جوهر بروهي" بس غلام مصطفيٰ آهيون،
اسان جي دشمنن جي جان جلندي، ساهہ گهٽجي ويا.

چاندوڪي جا سيئي نظارا صدقي صدقي مدني تان،

سچ۽ چنڊ يا اپ جا تارا صدقي مدني تان.

"اقراء" واري آيت آئي، ساري جڳ ۾ تي سرهائي،
چيٽ، ڪتيون ۽ سرءُ سيارا صدقي صدقي مدني تان.

جذبا جرڪي جاڳيا وهوا، ايرا پڻ ٿيا پاڳيا وهوا،
هوش، جنون جا ڪيئي اشارا صدقي صدقي مدني تان.

روشن ٿي پيا آس جا ڏيئا، نيٺ ٻريا احساس جا ڏيئا،
شهر ۽ ڳوٺ، ٻنيون يا ٻارا صدقي صدقي مدني تان.

محنت ڪش مزدور يا هاري، ٻار ٻڍا ۽ مرد يا ناري،
ماڻهو شاهنشاهي وارا صدقي صدقي مدني تان.

عالم يا استاد خطابي، مرشد، ڪامل ۽ اصحابي،
پنهنجي وقت جا جيءَ جيارا، صدقي صدقي مدني تان.

جڳ جي جوڙ، وجود ٿو سونهي، دم دم پاڪ درود ٿو سونهي،
سنڌو، جمنا، نيل ڪنارا، صدقي صدقي مدني تان.

جيڏو منو آ نالو ان جو، شان بہ آهہ نرالو ان جو،
ڪوڙ " بروهي جوهر" پارا، صدقي صدقي مدني تان.

مختصر مدت ۾ جڳ کي روشني بخشي ڏني،
۽ مثل روحن کي ابدي زندگي بخشي ڏني.





سونهن جي ساگر ڪپر تي فيض بہ ٿيو فيضياب،
پنهنجي گدلن کي، امرتا جي گهڙي بخشي ڏني.

پيار جا پيرا چمي، پاڳن پريو ٿيو جبرئيل،
پيار پياسن کي محبت جي ڳلي بخشي ڏني.

مرڪ جون باڪون ڦٽايون نفرتن جي ڏيهہ ۾،
هوڏ ۾ قاتل دلين کي پائپي بخشي ڏني.

والضحيٰ، ياسين، طٰهٰ ۽ امام الانبياء،
هر صدي کي سوکڙي قرآن بخشي ڏني.

ان جي صدقي رنگ گهرا جڳ جي جيون کي مليا،
دل جي صحرا کي سجڻ سنڌوندي بخشي ڏني.

پاڻ ڇا؟ پر سونهن جي اقرار جو نالو منو،
جنهن بروهڻ جي ٻچي کي شاعري بخشي ڏني.

پنهنجي ليکي سچ، ڏرتي، چنڊ، "جوهر" گهور ٿيا،
محب کي الله اهڙي دلبري بخشي ڏني.

ڌرتي آ شرف پاتو، عالي مقام آيو،
تارن ٿي نعت ڳائي، خير الانام آيو.

انسانيت کي حاصل آهي وقار ايڏو،
جبرئيل پاڻ پڙهندو سو سو سلام آيو.

بت پور ٿيا، شرافت پاتي نئين حياتي،
قربان ڏيهه سارو هڪ نيڪنام آيو.

”اقراء“ جي روشنائي هن پاڻ ساڻ آندي،
جيئن پاڻ آهي سهڻو، سهڻو ڪلام آيو.

ڌهڪاري ڏاڍ وارو پرزا ٿيو سرشتو،
لک لک مبارڪون جو هي فيض عام آيو.

”جوهر بروهي“ گهوريو محبوب مصطفيٰ تان،
جو ڪائنات جي لئه بڻجي امام آيو.

عنايت جو چپر آهي محمد مصطفيٰ عربي،
۽ قربن جو ڪڪر آهي محمد مصطفيٰ عربي.

انهي جي صدقي رحمت جي ٿئي پالوٿ ڌرتي تي،
شفاعت جو اکر آهي محمد مصطفيٰ عربي.





ابوجهن کي رهي ٿو آسرو ان پاڪ هستي تي،
سهارو ۽ ثمر آهي محمد مصطفيٰ عربي.

اويلي مهل ۾ يا ڪنهن بہ اوکي پند تي، ساٿي!
ڊجان ڏاڍو، مگر آهي محمد مصطفيٰ عربي.

اسان پارن نڌڙڪن، بيوسيلن جي زبانن تي،
پڪي پختي پچر آهي، محمد مصطفيٰ عربي.

سهائو سج جو شرمائبو ۽ چنڊ چيتيون ٿيو،
اها نوري نظر آهي، محمد مصطفيٰ عربي.

غمن ۽ گوندرن ۾ جڪڙيل ”جوهر بروهي“ آ،
اجهو شافع حشر آهي، محمد مصطفيٰ عربي.

نبي مڪرم، منو معظم، رسول اڪرم حبيب سائين،
هي ماهہ انور، سخا جو سرور ٿيو اسان کي نصيب سائين.

جتي نہ پهتا خليل، موسيٰ ۽ شيث، آدم ۽ نوح، عيسيٰ،

اتي خدا جي عنايتن سان ڪيو سفر هي عجيب سائين.

حشر جي ميدان منجهه هوندي، زبان "نفسي" نبي، ولي جي،
اتي ڪِنن، ڪوجهڙن جي هوندو قريب تر ڪان قريب سائين.

هي ٽيهہ سيپارا شان وارا هي ڪيميا ۽ شفا بہ آهي،
جو دردمندن جي لاءِ بي شڪ هي نسخو آندو طبيب سائين.

هٿن ۾"الحمد" وارو جهنڊو شفاعتن جو نشان بڻجي،
مقام محمود وٺ وجي ۽ خطاب ڪندو خطيب سائين.

ثمر نہ ساٿي، عمل نہ آهي سُجهي ٿي آڏو حشر جي سختي،
آ جهول خالي ۽ آهہ بلڪل "بروهي جوهر" غريب سائين.
ٿي آهہ نبوت پاڪ ختم محبوب مدني واري تي،
آ تاج رکيو الله اتم محبوب مديني واري تي.

جو پاڻ کي هاڻ سڏائي نبي سو ڪافر ۽ دجال بہ آ،
گستاخ ڪيو آ ڪيڏو ستم محبوب مديني واري تي.

الله تعاليٰ نازل ڪيو، اقراء ڪان وٺي قرآن سڄو،
يٰس ۽ طٰه ، نون قلم محبوب مديني واري تي.

انسان پڙهن ۽ جن پڙهن، جبرئيل ملائڪ عام پڙهن،
صلوات سڳوري دم دم محبوب مديني واري تي.

آگر جي اشاري چنڊ ٽٽوءِ ڪفر جو سارو منڊ ٽٽو،





الله ڪيو آ خاص ڪرم محبوب مديني واري تي.

سا ذات اتم جنهن دم ۾ ڪيو معراج فلڪ ۽ عرض مٿي،
ويساهہ رکي ٿو عرب عجم، محبوب مديني واري تي.

هڪ چاهي؟ "بروهي جوهر" هي! هر روز اگر قربان ٿئي،
قربان هزار، ڪروڙ، پدم محبوب مديني واري تي.

هي ملت آ،هر ملت لئہ ڪا سونهن بہ آ سينگار بہ آ،
قرآن ڪلام الله بہ آ، دارون ۽ دوا، جهونگار بہ آ.

جو آهہ مديني جو سائين، صلوات پڙهون ان سهڻي تي،
محبوب محمد پاڪ نبي، محبوب بہ آ، دلدار بہ آ.

هي در بہ نرالو در آهي، هن در تي جهڪن ٿا شاهہ گدا،
صديق سان گڏ فاروق بہ آ، عثمان سان گڏ ڪرار بہ آ.

ٽيو چنڊ اساري سان ٽڪر، جو ڏيهہ ڏنو ۽ جڳ وارو،
اعجاز مسيحا ڇا چئجي! مخفي بہ رهيو، نروار بہ آ.

سا راهہ چمان، سو پار پسان! جا جُوءِ سڄڻ جي سڏجي ٿي،

www.sindhsalamat.com

سمجهو ته مدينو، دنيا ۾ هڪ جنت آ، گلزار به آ.

قرآن پڙهو! صلوات پڙهو! الله کي هر دم ياد ڪيو،
الله جي وحدت ساڻ رچيل، ايمان به آ، اقرار به آ.

رهه! شال "بروهي جوهر" تون! محبوب جي عشق محبت ۾،
هي ريت پريت، رواج پلو، دستور به آ، وهنوار به آ.

رنگ اهڙا رتا رات اهڙي رڱي،
جڻ ته دنيا فقط پيار جي لئه آ بڻي.

قرب اهڙا تيا، گيت اهڙا تڙِيا،
جڻ ته قدرت جي وارن کي آئي ڦڻي.

موج اهڙي متي، روح اهڙو تريو،
جن ته آئي صبا کي نياپا کڻي.

سهڻا اهڙا هجن! سونهن اهڙي هجي،
جن تي صلوات پڙهندو هجي خود ڌڻي.

مست ڌرتي ٿئي چو نه اي دوستو!
اڄ مديني ۾ گل موتيا پيا ڇڻي.

مصطفيٰ جهڙو محبوب ڪنهن کي ملي،
جنهن جي "جوهر" تي آهي نوازش گهڻي.





محمد جي نزاڪت به بهارن کان هلي پڇجي،
جمال مصطفيٰ سچ چنڊ تارن کان هلي پڇجي،

خبر توکي پوي ڪهڙي ته شان مصطفيٰ چاهي،
نگاهہ احمدي اڄ چئن يارن کان هلي پڇجي،

وفا جي ذات مدني کي ملي دنيا ۽ محشر ۾،
"الم" ياسين جي اشارن کان هلي پڇجي،

محمد مهر پنهنجي ساڻ موهيا ڪيترا ماڻهو،
يتيمن ، بيوسن ۽ بي سهارن کان هلي پڇجي،

ٿيو معراج مدني جو الاهي جوت جلون سان،
انهن لمحن جي لذت عشق وارن کان هلي پڇجي،

نبوت جي امانتدار جي عظمت کي پرکڻ لاءِ،
بدر ۽ احد، خندق جي نظارن کان هلي پڇجي،

ثناءِ مصطفيٰ ڪهڙي ڪندين "جوهر بروهي" تون،
محمد جي صفت بس عرش وارن کان هلي پڇجي،

چانڊوڪي جا ڪوڙ حوالا گهور ٿيا،
ارڏا، ڏاها، اوچا نالا گهور ٿيا.

واهه! پرين جي پِڪ مبارڪ آب حيات،
ڪوثر، زم زم پاڪ پيالا گهور ٿيا.

پيشاني ۾، سونهن سهائو، ٻاڪ ڦٽي،
اوندهه مهل جا نور اجالا گهور ٿيا.

ڪاري ڪڪر کي رنگ مليو آ، زلفن مان،
وسڪارا، آگم ۽ جهڙالا گهور ٿيا.

پاڪ پگهر ۾ هٻڪارون ئي هٻڪارون،
بوءِ ڪٿوري، عطر، مصالا گهور ٿيا.

صورت سهڻي سيرت، دليون موهي ڇڏيون،
بدر، احد ۾ مڙس نرالا گهور ٿيا.

ها ته "بروهي جوهر" ڇا ڇا نعت لکي،
جنهن نالي تي گيت جمالا گهور ٿيا.

هڪ ڏينهن روضئہ اطهر تي ڪي درود پڙهيا، ڪي سلام پڙهيا،
هڪ پاسي ملائڪ بيٺا هئا، ٻئي پاسي درود عوام پڙهيا.

تــي خـتـم نـبـوت مـدنـي تـي،
آ تـاج رسـالـت مـدنـي تـي.
"الصبح بَدامِن طلعته" مون گيت، غزل ۽ ڪلام پڙهيا.

آ رحـمـت وارو وجـود سـنـدس،
مـاڪـي ڪـان مـنـو آ درود سـنـدس.
۽ مون بہ رسالت، چاهت جا آغاز پڙهيا، انجام پڙهيا.

پـل پـل ۾ پـئـي خـوشـبـو ٿـي وسـي،
۽ رحـمـت لـک راهـون ٿـي پـسـي.
قرآن مثل انجيل ڪتي؟ هن لوڪ صحيفا جام پڙهيا.

تـخـلـيـق سـنـواري ويـئـي آ،
اونـداهـہ اجـاري ويـئـي آ.
يٰس، مزمل ۽ طٰہ، دل لفظ صبح و شام پڙهيا.

هـن درس ڏنـو آ حـڪـمـت جـو،
هـو شـارع آهـہ شـريـعـت جـو.
قرآن، حديث جي سنگم تي، فرمان پڙهيا، احڪام پڙهيا.

اڄ يـاد جـا ڏيـئـا ٻـاريـا هـن،
ڪـي جـوهـر جـذبـا ثـاريـا هـن
هن حب، عقيدت جي بدران، جي ملندا، سي انعام پڙهيا.
جنهن تي آهي ختم نبوت سوئي سونهن جو سائين،
لوڪ لبن تي جاري هوندو ڪلمو قيامت تائين،





مـدنـي مـصـطـفيٰ

جاٿي ڪاٿي رنگ رچي ويا روحن راحت پاتي،
"انا اعطينٰڪ الڪوثر" دلبر سان دل لائين.
مـدنـي مـصـطـفيٰ

آدم، ابراهيم ۽ يحيٰ، موسيٰ، عيسيٰ سيئي،
فرمائن پيا "ياتي بعدي اسمه احمد" سائين.
مـدنـي مـصـطـفيٰ

آهہ "الم نشرح لڪ صدرڪ" شان وفا جو سارو،
"صلي الله عليه وسلم" ڳائي لوڪ سدائين.
مـدنـي مـصـطـفيٰ

"انا فتحنا لڪ فتحا" سان فاتح جڳ ۾ آيو،
شافع محشر ساٿ جي ڏيندو خوف پلا ڇو پائين؟
مـدنـي مـصـطـفيٰ

شهر فريد آباد ۾ "جوهر" حمد ۽ نعت لکي ٿو،
مومن! مجلس مجلس، پل پل نالو هي ورجائين.
مـدنـي مـصـطـفيٰ

مـدنـي، عـربـي، مـيـر مـنـور،
"انـا اعـطـيـنٰـڪ الـڪـوثـر".

“ورفعانا لڪ ذڪرڪ” سائين،
گهور ٻيا ۽ ٻالڪ ، سائين،
ڇا هي ڪسرا ڇا هي قيصر؟
انا اعطينڪ الڪوثر

“انا فتحنا لڪ” جي وائي،
تنهنجي شريعت حق جي وائي،
حامد، احمد، شافع محشر،
انا اعطينڪ الڪوثر.

جڳ جي لئہ تو رحمت آندي،
فيض ، فضيلت، فرحت آندي،
روز چلي تو مهر جو ساگر،
انا اعطينڪ الڪوثر

آهي ختم نبوت تولئہ،
گهور صحابہ جو سٿ تولئہ،
احد، حنين، بدر ۽ خيبر،
انا اعطينڪ الڪوثر.

ڪوثر ويلي پياس نہ هوندي،
ڪائي نگاهہ نراس نہ هوندي،
در جو فقير“بروهي جوهر”،
انا اعطينڪ الڪوثر





ٿي ختم نبوت مدني تي، هي عقيدو آ، اقرار بہ آ،
هڪ رات اٿي معراج هليو، ٿيو شان سندس نروار بہ آ.

تعريف رچيل قرآن اندر، آ ورد سندس ايمان اندر،
ٿيو فتح مبين بيان اندر، هو جڳ ۾ اتم آ شان اندر،
هو مسيح، ڪليم، حليم بہ آ ۽ امام بہ آ، سردار بہ آ.

ڇا قرب پريو انداز مليو ۽ حسن سان گڏ اعجاز مليو،
هن جڳ کي الاهي ناز مليو، مظلوم کي اڄ آواز مليو،
هو يتيم، يتيم نواز بہ آ، هو آٿت آ، آڌار بہ آ.

هو صاحب فيض فضيلت جو سرواڻ سموري شريعت جو،
هو رهبر راهہ طريقت جو، هو ڄاڻو رمز حقيقت جو،
آ نالو “محمد” واهہ منو، جو جوڙ جڙيو جنسار بہ آ.

ابوبڪر، عمر ٽيا يار سندس، عثمان ، علي حبدار سندس،
منو پاڻ هيو، منا پار سندس، لکيا “جوهر” اشعار سندس،
جڳ لاءِ وفا جو وجود بہ آ، محبوب بہ آ، دلدار بہ آ.

مني مصطفيٰ تي صلواتون سلام،
پڙهن ڪائناتون پيون صبح شام.

محمد رسول خدا آخري،
سندس نالي ڳايون پيا شاعري،
امام رسل آهہ خير الانام.

ستارا صحابي، قمر مصطفيٰ،
تہ کوليندو جنت جو در مصطفيٰ،
۽ امت کي رحمت ملي عام جام.

سچڻ والضحيٰ، طه ، ياسين آ،
تہ ان جهڙو سچو سندس دين آ،
خدا پاڻ فرمايو، عالي مقام.

اها رات اسريٰ ۽ معراج جي،
لڌي سار سيد سچي راڄ جي،
مکمل ٿيو آ وفا جو نظام.

اي "جوهر بروهي" هي ايمان آ،
تہ مدني تان سر ساهہ قربان آ،
سو سهڻن کان سهڻو ۽ چامن جو چام.

مان مصطفيٰ جي در جو ادنيٰ غلام آهيان،
هر صبح، شام ويلي پڙهندو سلام آهيان.





گل گل سرور پاتو، چاندوکي نور پاتو،
مدني ظهور پاتو، هر دل حضور پاتو،
جڳ جرکي جوت لاتي، مان شادکام آهيان.

توحيد واري وائي، اوندهہ ۾ روشنائي،
قربان ٿي خدائي، رحمت رُجن تي آئي،
رنگين رُت سان مان پڻ ٿيو همکلام آهيان.

"اقراء باسم ربک" احمد، حکيم ، حاذق
قرآن آهہ برحق، سرور سچو ۽ صادق،
هو منهنجي سر جو سائين مان انجي سام آهيان.

باکن ۾ لاٽ آهي، پرزا ٿي ٻاٽ آهي،
رحمت جي ڇاٽ آهي، سچي هي واٽ آهي،
کلمو پڙهيم تہ مان بہ ٿيو نيکنام آهيان.

ترتيب سونهن واري، وک وک تي ٿي بهاري،
مدني اچي اجاري، ٿي ختم رات کاري،
ان جي کري اي "جوهر" خوش عام جام آهيان.

اقرء بسم وٺ قرآن،
ختم نبوت تنهنجو شان.

اقصيٰ منجهہ امامت تنهنجي،
ڀاڳن واري امت تنهنجي،

وهوا رحمت ڪئي سبحان.

گل ۾ ڪهڙي نزاڪت آ،
تنهنجو وجود تہ رحمت آ،
تو وٽ حڪمت جو فرقان.

تو وٽ آ دستور ازل جو،
ڪلميءَ ايمان جي گل جو،
شاهہ بہ تنهنجي در دربان.

اُمي آهين! عالم آهين،
رب جي عطا جو قاسم آهين،
پاڻ رحيم تہ رب رحمان.

هڪڙو ننڍڙو نوڪر تنهنجو،
آهہ "بروهي جوهر" تنهنجو،
ان جو توتي آ ايمان.

تنهنجي صدقي ٿي بهاري جا بجا،
مصطفيٰ صل عليٰ صل عليٰ.





ذڪر تنهنجو آسمانن ڪان مٿي،
شان تنهنجو ٿيو گمانن ڪان مٿي،
رب طرفان شان ڪوثر ٿيو عطا.

رات هڪ معراج پورو تو ڪيو،
۽ رسالت تاج پورو تو ڪيو،
سڀ فرشتا ٿا چون صد مرحبا.
ڪفر پرزا ٿيو، ملي فتح مبين،
شاهہ دنيا! شاهہ عقبيٰ شاهہ دين،
ڪاف، ها، يا ، عين، صاد ۽ والضحيٰ.

چنڊ ٽڪرا هڪ اشاري سان ٿيو،
زلزلو پڻ قصر ڪسريٰ ۾ پيو،
ذات تنهنجي آ نرالي مصطفيٰ.

اڄ گنهگارن جي گهر پڻ عيد ٿي،
تنهنجي صدقي عام هت توحيد ٿي
آهي "جوهر" تو پناري دلربا.

وهوا ٿي وهوا ڪجي سدا،
پيدا ٿيو محبوب خدا،
نانءُ سان روشن ٿي،
آيو جڳ ۾ ماهہ لقا.

جاتي مدني پير پريندو عرش ۽ فرش تي خير ئي ڇئبو،
تو نہ سجاتو عربي سائين هي تہ نظر جو ڦيرئي ڇئبو.
جنهن جي صفت آ صل عليٰ.

نينهن لڳا، محمد سان پوءِ مشڪل گوندر وقت نہ ٿيندي،
مرڪي مرڪي ملندو مدني ڳڻتي محشر وقت نہ ٿيندي.
هت هت ان جي واهہ وفا.

پنهنجن سان سڀ پيار ڪندا، غيرن سان ڪو پيار ڪري،
ٻند سڪل ڪي سڪ ۾ سائو يثرب جي سرڪار ڪري،
چنڊ اشاري ساڻ جدا.

موسيٰ جو معراج ٿيو هو، وادي سينا طور مٿي،
عرش خدا ڪان، مدني جي معراج جو مذڪور مٿي،
عرش بہ ان جا پير چميا.

روز سلام صلواتون پڙهجن، مير محمد دلبر تي،
ان جا لک لک ٿورا آهن، يار "بروهي جوهر" تي،
ان جي نالي منجهہ شفا.

منهنجي حبيب جهڙو دلدار ٻيو نہ ٿيندو،
مخلوق منجهہ اهڙو منٺار ٻيو نہ ٿيندو.





يس والضحيٰ ۽ ياايهاالمزمل
ان جي صفت ثنا ۾ قرآن آ مڪمل،
هي سان وارو پڳدار ٻيو نہ ٿيندو.

صاحب فضيلتن جو اجمل عجيب عربي،
آئت اسانجي دل جو بيشڪ حبيب عربي،
ڪوجهن سان قرب ڪندڙ سردار ٻيو نہ ٿيندو.

رخ پاڪ جي زيارت گل مهڪيا چمن ۾،
ڪلمو پڙهيو ويو آ، هر ملڪ هر وطن ۾،
عالم سندو اجهو ۽ آڌار ٻيو نہ ٿيندو.

ٿي ختم آ نبوت محبوب مصطفيٰ تي،
صدقي "بروهي جوهر" دنيا آ دلربا تي،
ان وانگيان اسان جو غمخوار ٻيو نہ ٿيندو.

آيو محمد مصطفيٰ جيڪو شفيع المذنبين، سو رحمة للعالمين،
سهڻي سندس دربار ۾ ايندو هيو روح الامين،سو رحمة للعالمين،

خير البشر، شمس الضحيٰ،خير الوريٰ، شاهه عرب، سو هاشمي، امي لقب
ڪوثر جو ساقي دلربا، طاهر صفت، عالي نسب، يعني نبي لا ڪذب
جنهن جي ڪري جوڙيا ويا ست آسمان روءِ زمين، سو رحمة للعالمين،

تعريف ان جي رب ڪئي توريت ۾ قرآن ۾، گلزار، گل چوگان ۾،
مهڪي اٿيو سو گل اجهو اڄ وادي فاران ۾، ٻڌجي پيو آذان ۾
منهنجو محمد واهه واهه! شاهه رسل، سلطان دين، سو رحمة للعالمين،

اعجاز سرور جو عجب، ثابت ٿيو شق القمر، رحمت پريو قربن ڪڪر،
نالو مٺو وڻجي، ٺري دل لوڪ جي شام و سحر، وهوا محبت جي نظر،
آهي امام الانبياء، منزل سندس افضل ترين، سو رحمة للعالمين،

تعريف ان جي ڇا ڪري "جوهر بروهي" جو قلم، ان تي نبوت آ ختم،
لولاڪ واري مصطفيٰ جا امتي خير الامم، ڪاٿي عرب ڪاٿي عجم،
محمود، احمد، مجتبيٰ، طٰهٰ، امام المرسلين، سو رحمة للعالمين،

## مُک مُرڪيا

سڪ سونهن سويرا لاتا،
۽ رحمت ڦيرا پاتا.
جو آيو مير مديني.
تيا قرب قرار الاهي،
آيو هيڻن جي لئه واهي،





سوين نيڻ نهار لئه آتا، جو آيو مير مديني.
پلا پونءِ جا بخت پلارا،
مک مرڪيا ڪوڙ ستارا،
ڪيئي گيت فضائن ڳاتا، جو آيو مير مديني.

پئي ويرانن ۾ بهاري،
وئي بخشيجي امت ساري،
ڪليا مهر ڪرم جا ڪاتا، جو آيو مير مديني.

ٿيون وک وک تي هبڪارون، اُنيون
جڳ تي ماڪي لارون،
۽ سڏريا ٻول ٻہ ٻاتا، جو آيو مير مديني.

ملي ختم نبوت وائي،
رب آس اگهن جي اگهائي،
ٽٽا ڪفر جا ڪوٽ ۽ حاطا، جو آيو مير مديني.

ٿيا ڪوڙ نظارا نوري،
۽ وحدت وائي پوري،
ٽٽا عزيٰ لات مناتا، جو آيو مير مديني.

ملي "جوهر" جڳ کي بشارت،
قرآن جي هر هڪ آيت،
الله اسان جو داتا، جو آيو مير مديني.

f

هو مرڪي صبح ٿو روشن ٿئي،
۽ ڳالهائي جڳ گلشن ٿئي.

آس خليل جي فخر آدم،
صليٰ الله عليه وسلم.
هن جو نالو مصري ماکي،
سونهن ، سڳنڌ ۽ سچ جو ساکي،
سائين ڪوثر پاڪ جو ساقي.
ڪفر ۽ ڪوڙ ٿيو درهم برهم.
صليٰ الله عليه وسلم.

ساڃهه، سُرت، شعور مليو آ،
دنيا کي دستور مليو آ،
باطل کي ڏک سور مليو آ.
ختم نبوت زنده دم دم،
صليٰ الله عليه وسلم.
ساعت ۾ معراج ٿيو آ،





رحمت پريو ڪاج ٿيو آ
ختم نبوت تاج ٿيو آ.
پير پٽيءَ تا گهوريو عالم،
صليٰ الله عليه وسلم.

روحن کي اتساهه ڏنو ويو،
قربن کي ويساهه ڏنو ويو،
پاڪ ڪلام الله ڏنو ويو.
لات، منات ۾ برپا ماتم،
صليٰ الله عليه وسلم.

شاهد ۽ مشهود ٿيو مدني،
حامد ۽ محمود ٿيو مدني،
اسعد ۽ مسعود ٿيو مدني.
بي شڪ بر حق هادي اعظم،
صليٰ الله عليه وسلم.

جاني آهي جڳ جو دلبر،
صدقي ذات "بروهي" هر هر،
آهي قطار ۾ پڻ هي "جوهر".
وهوا رسول ڪريم ۽ اڪرم،
صليٰ الله عليه وسلم.

# چنڊ چانڊوڪي

محمد مصطفيٰ مدني هتي سردار ٿي آيو،
سوا لک انبيائن جو سڄڻ سالار ٿي آيو،
يتيمن جو اجهو بيواهہ جو غمخوار ٿي آيو،
الاهي شان سان، سائين اڙين آڌار ٿي آيو.
وسائي چنڊ چانڊوڪي جتي مدني قدم پاتو،
سندس آئي الاهي مانُ ڪاغذ ۽ قلم پاتو.

مليو ڪمزور ماڻهن کي سنيهو ذات قوت جو،
مليو انسان کي ڪافي سليقو سونهن عزت جو،
وري ڌرتي تي ورجايو ويو آ درس فطرت جو،
جتي هو راڄ نفرت جو، اتي دستور الفت جو.
هيا وحشي، محمد جي ڪري انسان سڌجن ٿا،
ازل جا بيوفا، بي شڪ وفا جو شان سڌجن ٿا.

نہ عورت جي هئي عزت، نہ سنگت ۾ وفاداري،
هيو انسانيت جي روح تي ڪو زخم ڪاپاري،
هيو هر شهر غندن، ظالمن جي لاءِ پاٿاري،
ڪميڻن کي ملن پيا هر قدم تي ڪوڙ ساٿاري.
انهي ويلي ڇپر ڇٽ ۽ پلائي پال ٿي آيو،
تہ رحمت جو ڪڪر بس" آمنہ جو لال" ٿي آيو.
نوازش ٿي نماڻن تي نڌڪن لئہ ڇپر بڻيو،
بيابانن ۾ رونق ٿي ڪو رحمت جو ڪڪر بڻيو،
اجهو برڪت پريوجڳ منجهہ هر شام و سحر بڻيو،





۽ هيڻن لاءِ هي " نالو منو" سچ ۾ ثمر بڻيو.
قدم چمندي وري ڌرتي سوين مولود ٿي ڳايا،
محمد جي ثنا جا گيت هر مسعود ٿي ڳايا.

علم فتح مبين ان جو ۽ "طٰهٰ" آ لقب ان جو،
شرافت جي شهنشاهي ۾ اعليٰ تر نسب ان جو،
بلاشڪ سنڌ ان جي آ،عجم ان جو،عرب ان جو،
خدا جو سنهن خدا ڪندو رهيو آهي ادب ان جو.
خليل الله جي آهي دعائن جو اثر مدني،
چمي جبريل سا مٽي، جتان ڪندو گذر مدني.

اهو سرواڻ اول جو، اهو سردار آخر جو،
مليو اعزاز ان کي رب پاران حوض ڪوثر جو،
هليو سو شان سان معراج تي محبوب داور جو،
محمد مير ۾ آ، آسرو بدڪار "جوهر" جو.
گنهگارو! رکو اميد اهڙي شان اطهر ۾،
حشر ويلي ڪنن،ڪوجهن کي رکندو پنهنجي پاڪر ۾.

# رحمة للعالمين

ڇَٽُ جهلايو زماني تي دلبر نبي،
سو "معظم"، "مزمل"، " منور" نبي.

جنهن جي تڪريم " بلغ العليٰ" ٿي وئي،
رات هڪڙي ۾ بس انتها ٿي وئي،

"ميتريا" جي ڪري هت شفا ٿي وئي،
يعني آسان توبهہ ادا ٿي وئي،
چو تہ ماٽي ويو شان ڪوثر نبي،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

"عربي"، "أمي"، "مبشر"، پيارو نبي،
سو آ "ياسين"، جي سان وارو نبي،
"طٰہٰ" "حٰم"، "طاهر" سونهارو نبي،
رحمتن ساڻ آندو سڌارو نبي،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

سو تہ "قدوسين" جو بہ سرواڻ آ،
جهنڊو الحمد جو، اُن جو اهڃاڻ آ،
"فارقليط" سچائي جو مهراڻ آ،
امتون ڇا؟ نبين جو اڳواڻ آ،
صدقي صدقي نبين جو سرور نبي،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

چنڊ آهي عرب جڪي بيابان جو،
شان آهي اجهو "آل عمران" جو،
نڪتو سينا ڪان محمود فاران جو،
شان بالا ٿيو عام انسان جو،
آهي "ولسوف يعطيڪ" "صفدر" جو،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

آهي شمس الضحيٰ، هاشمي مصطفيٰ،
مجتبيٰ، مرتضيٰ، يعني بدر الدجيٰ،
سو اما الرسل ، خاتم الانبياء،





ءِ حجازي، مڪي، مير، خير الوريٰ،
لاٿا دنيا تان ڏک، درد، گوندر، نبي،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

خاتم، عادل، ءِ قريب، مجيب،
حاڪم، ڪامل، صادق ءِ طبيب،
دلربا، دل گهريو، هاشمي ءِ حبيب،
شان "نصر من الله فتح قريب"،
سو آ سالار، دولهہ، دلاور نبي،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

آ مقدر سندس شان فتح مبين،
پوري خطي ۾ سڏجي تو "صادق امين"،
آهي فرشي مگر عرش جو آ مڪين،
سو شفاعت ڪندڙ" رحمة للعالمين"،
ره رليل، رهگذر جو بہ رهبر نبي،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

شان "حمطايا" اعليٰ ءِ عالي نسب،
سو تہ "اليوم اڪملت" جو آ سبب،
اهڙي تخليق تي سونهن ڪاڏو عجب،
مصطفيٰ لاءِ ملحوظ رکجي ادب،
دردمندن جي لئہ آهہ واهر نبي،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

"شان قدسي" نرالو سندس شان آ،
يعني "اوحيٰ اليہ" جو اعلان آ،
ڏات اقرء سندو ان جو قرآن آ،

ان جي صدقي مسلمان، مسلمان آ،
گونجندو ٿو رهي اسم اڪبر نبي،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

رنگ اهڙا رتا رات رنگين ٿي،
مصطفيٰ آيو جڳ لاءِ تسڪين ٿي،
هاڻي ڪائي نڌڻڪي نہ غمگين ٿي،
آه! "جوهر بروهي" جي آمين ٿي،
واهواه! واهرو ۽ ولهين پر نبي،
سو معظم، مزمل، منور نبي.

**ميتريا، فارقليط، حمطايا :**

**توريت، انجيل ۽ زبور ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جا نالا آهن**





## بطحا ۾ نور

الله سان ملائي الفت رسول جي،
انسانيت بہ آهہ اطاعت رسول جي.

جهوليءَ ۾ چنڊ جُهليو،
شاخن ۾ گل ٽڙن ٿا،
حبشي بلال، بوذر،
قرآن اڄ پڙهن ٿا.
هيڏي جهان ۾ بس،
احمد شفيع آهي،
بيشڪ هي ڏيهہ سارو،
ان جو مطيع آهي.

جڳ ۾ بہ ڳائجي ٿي همت رسول جي،
انسانيت بہ آهہ اطاعت رسول جي.

پوءِ بدن تان گهوريان،
عنبر عطر بہ هر هر،
درگاهہ مصطفيٰ کان،
وڌ ڪونہ آهہ ٻيو در.

نعت حبيب ڳايان!
ايڏي مجال ڪاٿي!
لائق حبيب عربي!
مون وٽ خيال ڪاٿي!

شعر و غزل کان اعليٰ سيرت رسول جي،
انسانيت بہ آھہ اطاعت رسول جي.

موسيٰ صدا ڪئي ھئي،
سينا تي “ رب ارني”،
آيو جواب، موسيٰ،
ھي اک ڏسي نہ سگھندي.

ليڪن حبيب عربي،
سوار براق بڻجي،
“خوش آمديد” جنھن جي،
عرش عظيم تي ٿي.

لوح و قلم کان زياده عزت رسول جي،
انسانيت بہ آھہ اطاعت رسول جي.

نور سحر کان زياده،
حسن جمال ان جو،
قرآن ۾ چٽيل آ،
شرف و ڪمال ان جو.

سو مصطفيٰ محمد،
لجپال دوجھان آ،
بدڪار ڪوجھڙن تي،
ھر حال مھربان آ.

ڪيڏي عجيب آھي رحمت رسول جي،
انسانيت بہ آھہ اطاعت رسول جي.

تارن ۾ نور ان جو،





گل ۾ آ بوءِ ان جي،
پرنور رحمتن کان،
پرپور جُوءِ ان جي،

معراج رات عرش بہ،
ان جا قدم چميا ٿي،
جبريل ساٿ ڏي ھا،
پر پَرَ سندس سڙيا ٿي.

آ عقل کان زياده حيثيت رسول جي،
انسانيت بہ آھہ اطاعت رسول جي.

چوطرف ڪفر پنھنجا،
ڪارا ڪڪر پکيڙيا،
ڪعبي ۾ لات، عزيٰ،
صدين کان بت سھيڙيا.

بطحا ۾ نور بڻجي،
جڏھين رسول آيو،
چانڊاڻ چوطرف ٿي،
رسمن بہ سر جھڪايو.

ھر ڪنھن مجي چڏي آ، حشمت رسول جي،
انسانيت بہ آھہ اطاعت رسول جي.

چا ھٿ مسيح وارو،
چا لٺ ڪليم واري،
چا نوح جو سفينو،

يونس جي رات ڪاري.

هر محل ۾ سھائو،
محبوب ڪبريا جو،
يارو! اجان بہ ان ڪان،
وڏ شان مصطفيٰ جو.

غيرن تي مھرباني عادت رسول جي،
انسانيت بہ آھہ اطاعت رسول جي.

بادِ صبا ۾ آھي،
نالو بہ مصطفيٰ جو،
گل ڪان وڌيڪ نازڪ،
انداز دلربا جو.

پنھنجا تہ خير پر ھت،
دشمن بہ رڱجي ويا،
دربار ۾ جو پھتا،
پيالا وفا جا پي ويا.

هر ڪنھن جي لاءِ شفقت رسول جي،
انسانيت بہ آھہ اطاعت رسول جي.

ڪيڏا ڪنا ۽ ڪوجھا،
يا عيبدار آھيون،
امت جي فھرست ۾،





ان وٽ شمار آھيون.

بادِ صبا تون چئجان،
سنڌ ۾ غلام تنھنجو،
“جوھر بروھي” پڙھندو،
آھي سلام تنھنجو.

مرندي گھڙي هجي شل چاھت رسول جي،
انسانيت بہ آھہ اطاعت رسول جي.

# نور مالها

اداس لمحن ۾ بڻجي آٿت!
ڪمهلي ويلي ۾ نور بڻجي.
هو آيو سنسار منجهه آخر!
سڪار، ساجهه، سرور بڻجي.
۽ قول هن جا وفا حوالا،
وجود هن جو هو
نور مالها
هو مرڪي،
باڪون ٿڙي پون پيون!
اڇي تہ ڪعبا جهڪي پون پيا!
هلي، ڳنير ڳت سڪي وڃن پيا.
ڪڇي تہ الفاظ وحي بڻجن،
هو اُمي،
عرفان هن جو اڻ کُٽ.
۽ شان هن جي سان؛
ڪونہ ٿيو مٽ!
حرا مان نڪتو،
قرآن آندو
قرآن ان جو بيان آندو.





نبوتن وارا سلسلا سڀ،
ختم ٿيا،
ان جي نالي، "جوهر"!
هو رحمتن جو پيام آيو،
نبي بہ خير الانام آيو.

هئا هيڪاندا

حبيب سين

# عقيدو

خدا آ نگهبان الحمد لله،
رحيم آهه رحمان الحمد لله.

ڏنگي ڏاچ آڏو جهڪان، ناهه ممڪن،
قبر تي وجي ڪجهه گهران، ناهه ممڪن،
مڪمل آ ايمان الحمد لله.

اسان جو پرين پيشوا مصطفيٰ آ،
سندس منٽڙو نالو دوا، شفا آ،
رسالت جو هي شان الحمد لله.

محمد مني تي ختم ٿي نبوت،
خدا جي اذن سان ڪندو هو شفاعت،
آ جنت جو امڪان الحمد لله.

محمد مني جي شريعت آ ڪافي،
اسان لاءِ قرآن سنت آ ڪافي،
سچو آهه عنوان الحمد لله.

وڏي فيض وارا ۽ دلبر صحابي،
ابوبڪر، فاروق، حيدر صحابي،
مڃان مان ٿو عثمان الحمد لله.

هي علماء حق جو سچو قافلو آ،
اي "جوهر بروهي" مليو حوصلو آ،
پڙهيم پاڪ قرآن الحمد لله.





صديق جو آهي نانءُ منو، مان گهور ٿيان، جڳ گهور ٿئي،
صحرا ۾ وفائن چنڊ ڏنو، مان گهور ٿيان، جڳ گهور ٿئي،

اثنين جوثاني غار اندر، صديق بڻيو اقرار اندر،
ڪي ڏنگ هڻي، هڪ نانگ مُنو، مان گهور ٿيان، جڳ گهور ٿئي،

الله اسان گڏ آهي، ڪو حُزن نه آ، ڪو غم ناهي،
هجرت ۾ محمد ساڻ ڪَنو، مان گهور ٿيان، جڳ گهور ٿئي،

هر دور ۾ سچو غازي هو، الله به ان تي راضي هو،
گفتار عجب، ڪردار سنو، مان گهور ٿيان، جڳ گهور ٿئي،

هن امت منجهه امام ٿيو ۽ قائم نيڪ نظام ٿيو،
هن شان جو پڙهه تون پاڪ چنو،مان گهور ٿيان، جڳ گهور ٿئي،

هي امت بي شڪ شان ڏسي، ابوبڪر رسي، مدني ٿو رسي
مدني جي رنو، الله رنو، مان گهور ٿيان، جڳ گهور ٿئي،

تو ورتو نالو دلبر جو، ٺريو روح "بروهي جوهر" جو،
ڪو قرب پريو اڄ مينهن اُنو، مان گهور ٿيان، جڳ گهور ٿئي،

پلارو آ انسان صديق اڪبر،
محمد تي قربان صديق اڪبر.

سچائي جو ساٿي سفر ۽ حضر ۾،
هيو ساهہ صدقي وفا جي اثر ۾،
پڙهيو خوب قرآن صديق اڪبر.

سندس نيڪيون ٿيون ستارن کان زيادهہ،
هيو عشق پڻ عشق وارن کان زيادهہ،
محبت جو نيشان صديق اڪبر.

نبي پاڪ جنت جي بخشي بشارت،
انهي سان تي آباد ديني عمارت،
وفائن جو سلطان صديق اڪبر.

هيو پاڻ صهرو نبي پاڪ جن جو،
وڏي فيض وارو اڇو اجرو من جو،
تہ ماڻيو آ رضوان صديق اڪبر.

هو رهبر ۽ سرواڻ اسلامي ست جو،
وڏي چاڻ وارو ڪشادو بہ هٿ جو،
آ پهريون مسلمان صديق اڪبر.

سندس شان ثابت ڪلام ، خدا ۾،
لکيو شعر "جوهر بروهي" ثنا ۾،
اسان لاءِ درمان صديق اڪبر.

جي سونهن ست ۾ عمر عمر آ،





ابوبڪر بہ ابوبڪر آ.

ٻئي نبي جا خليفا ارشد،
ٻنهن جي تعريف آهہ بي حد،
اسان جي ايمان لاءِ سرحد،
انهن جو گستاخ آهہ مرتد.

نبي جو هر هڪڙو همسفر آ
ابوبڪر بہ ابوبڪر آ.
سڏيا ويا هو شهيد غازي،
هو حاجي، اصحابي ۽ نمازي،
۽ گهوري سر جن ڪٽي آ بازي،
انهن تي الله آهہ راضي.
ٻنهن تي سچائي جو اثر آ،
ابوبڪر بہ ابوبڪر آ.
چمن جا تازا گلاب آهن،
عقيدتن جا ڪتاب آهن،
ڪمال ۾ لاجواب آهن،
ڪمائي وينا ثواب آهن.
نبي جي روضي ۾ تي قبر آ،
ابوبڪر بہ ابوبڪر آ.
پڙهيو وڃي تو سلام جن جو،
۽ ساٿ خير الانام جن جو،
عرب، عجم ۾ عوام جن جو
ٿيو آ قائم نظام جن جو.
۽ نالو روشن نگر نگر آ،
ابوبڪر بہ ابوبڪر آ.

لکيا ويا ڪي ڪروڙ ڪاڳر،
ثنا نہ ٿي آ اجان برابر،
ابوبڪر ۽ عمر اجاگر،
لکي بہ ڇا ڇا "بروهي جوهر".
تہ گهور خندق ، احد ، بدر آ،
ابوبڪر بہ ابوبڪر آ.

وڏي سان وارو عدل جو حوالو،
آ فاروق اعظم سين ۾ نرالو.

گهريو مصطفيٰ جنهن کي پنهنجي دعا سان،
عمر دل لڳائي رکي مصطفيٰ سان،
ٿيو ٻاٿ اوندهہ ۾ روشن اجالو.

ڪچهري ۾ آيو هو ايمان وارو،
فضائن ۾ الله اڪبر جو نعرو،
لڳو ڪفر وارن جي سيني ۾ ڀالو.

ڪلامِ خدا جي آ تمهيد وهوا،
عمر جي ڪئي رب تائيد وهوا،
مسلمان ڪوليو هو ڪعبي جو تالو.

نبي جو مريد آهہ هي سارو عالم،





مرادِ نبي آهہ فاروق اعظم،
تہ حضرت عمر آ اڪين ٺار نالو.

آ "جوهر بروهي" اها شادڪامي،
صحابن جي دم دم ڏجي پئي غلامي،
احد، بدر اندر ڪٿيو جن ڪشالو.

مٺي مدني جو همدم آ،
عمر فاروق اعظم آ.

سندس ايمان آٽڻ سان،
محمد کي سڃاڻڻ سان،
ڪفر ۾ برپا ماتم آ.

عمر حق جو بہ ساٿي آ،
سندس قرآن ساکي آ،
اجاري مهل آگم آ.

جتي فاروق هوندو آ،
اتان شيطان ڀڄندو آ،
سچو انسان هر دم آ.

سدائين فڪر ۾ اوچو،
خدا جي ذڪر ۾ اوچو،
دلي دردن جو مرهم آ.

قبولي دين جي دعوت،
ملي اظهار جي قوت،
تتو هر ساز سرگم آ.

ثنا ۾ جڻ اڏورا تيا،
غزل "جوهر بروهي" جا،
معزز آ مڪرم آ.

وڏي شان رتبي جو انسان آ،
سو عثمان، عثمان، عثمان آ.

صحابن جي ست ۾ هيو قطب تارو،
بلا شڪ هيو پاڻ "نورين" وارو،
وفادار سچو مسلمان آ.

عبادت ۾ پختو ۽ ڪامل حيا ۾،
جڳن منجهه مشهور جود و سخا ۾،
فرشتن کان زياده سندس شان آ.

انڌيرن جي آڏو ڪا روشن بتي هئي،
نبي پاڪ ان لاءِ بيعت وتي هئي،
مجيوسين، امام شهيدان آ.

شرافت پرئي جي طبيعت نرالي،
سندس در تان سوالي وريو ڪونه خالي،
خدا ان جو حامي نگهبان آ.





سندس مرڪ تان گهور آ باڪ ويلو،
۽ محشر ۾ هوندو محمد سان ميلو،
خدا پاڪ ان تي مهربان آ.

صحابن جي سيرت دل آ موهي،
ثنا خوان آهيان اي "جوهر بروهي"،
اهو منهنجو مقصد ۽ ايمان آ.

اسان جو دلربا آهي،
علي المرتضيٰ آهي.

بلا شڪ حق جو نعرو،
سندس تيو سوٽ ۽ صهرو،
محمد مصطفيٰ آهي.

هيو قرآن جو چاڙو،
وفا جي شان جو چاڙو،
تہ عزت جابجا آهي.
احد ۾ ۽ بدر ۾ هو،
محمد جي اثر ۾ هو،
تيو راضي خدا آهي.

شهادت تاج پاتو هُن،
رضا کي خوب چاتو هُن،
خدا لئہ سر فِدا آهي.

سچائي جو هو طالب هو،
۽ اسد الله غالب هو،
ڪيو هن حق ادا آهي.

تو سونهي چنڊ تارن سان،
محبت چئن يارن سان،
اي "جوهر" ڪيميا آهي.

# خلفاءِ راشدين

(1)

دلدار دلبر صديق اڪبر،
صديق اڪبر، صديق اڪبر.

ماڻهو نرالو، حق جو حوالو،
شفقت جو ساگر صديق اڪبر.

هو سر ترِيءَ تي، گهوريو نبي تي،
سامان ۽ گهر، صديق اڪبر

شهر، حضر ۾ ، توڙي سفر ۾،





حاضر هو اڪثر، صديق اڪبر.

محنت ڪمائي، پاتي پلائي،
امت جو رهبر صديق اڪبر.

مدني سان نسبت، هن سان عقيدت،
ساندي تو "جوهر"، صديق اڪبر.

(2)

مدني جو همدم، فاروق اعظم،
فاروق اعظم، فاروق اعظم.

ماڻهو دلاور، ڪافي بهادر،
هو حال محرم فاروق اعظم.

حق جو حامي، جڳ ڪئي سلامي،
ساوڻ جو آگم، فاروق اعظم.

مدني سان ناتو، فاروق پاتو،
شاهد آ عالم، فاروق اعظم.

قرآن آيو، جئن هن جو رايو،
ماڻهو مڪرم، فاروق اعظم.

ڳائي تو هر هر، تعريف "جوهر"،
وسري نه هڪ دم، فاروق اعظم.

(3)

هر وقت ڳائين، عثمان سائين،

عثمان سائين، عثمان سائين،

ساٿي پيارو، رضوان وارو،
هر دور تائين عثمان سائين.

مدني جو نياڻو، ماڻهو نماڻو،
سِر گهر ڏنائين، عثمان سائين.
اسلام آڻي، توحيد ماڻي،
ڏک سک ڏنائين، عثمان سائين.

صاحب سخا جو، مهرو وفا جو،
گهٽ ڪين پائين، عثمان سائين.

انسان ڪامل، اسلام سان دل،
"جوهر" سدائين، عثمان سائين

(3)

عالم ولي آ، حضرت علي آ،
حضرت علي آ، حضرت علي آ.

مدني جو نياڻو، موتي جو داڻو،
سيرت ڀلي آ، حضرت علي آ.

اصحابي اعليٰ، ٿيو شان بالا،
عظمت ملي آ، حضرت علي آ.

گهر هڪ جا ڀاتي، اصحاب ساٿي،
الفت دلي آ، حضرت علي آ.

حق سچ وارو، ماڻهو پيارو،





مرڪي ڪَلي آ، حضرت علي آ.

سچائي جو در، مون بہ اي "جوهر"،
ورتي ڳِلي آ، حضرت علي آ.

مان غلام حبيب جي يارن جو،
آهيان دوست دلي دلدارن جو.

سڄي امت لئہ جيڪو دلبر آ،
ابوبڪر وفا جو پيڪر آ،
ٿيو پاڻ پهاڙ قرارن جو.

جا ڳالهہ سچڻ فاروق چئي،
قرآن سندس تائيد ڪئي،
اهو ماهر آيت پارن جو.

هئي ملڪ عرب ۾ ڀيچ ڀني،
ٿيو مهر جو در عثمان غني،
محبوب متو دل وارن جو.

جيڪو سڏجي جڳ ۾ شير خدا،
سو سائين علي آ، شان وفا،

سو باني علمي ادارن جو.

ٻيا جيڪي صحابہ مدني جا،
هر هڪ تي راضي آهہ خدا،
هي عقيدو "جوهر" پارن جو.

اصحاب سڀ سونهارا،
اسلام جا ستارا.

صديق سونهن ساگر،
امت ۾ مڙس دلبر،
ٿيو شان منجهہ اڪبر،
هي عشق جا نظارا.

فاروق حق جو حامي،
حق جي ٿي شادڪامي،
مَلڪن ڏني سلامي،
وهوا چاهہ چارا.

عثمان هٿ سخا جو،
هو تاجوَر حيا جو،
نياٽو سو مصطفيٰ جو،
ڪوثر جي پاڪ ڌارا.

حيدر وفا جو پيڪر،
حاضر احد ۽ خيبر،
صدقي ٿين ٿا هر هر،





"جوهر بروهي" پارا.

صديقي، فاروقي آهيون عثماني ۽ حيدري،
"رضي الله تعاليٰ عنهم" اصحابن جي دليري.

"صلي الله عليه وسلم" ختم نبوت سائينءَ تي،
بي شڪ منهنجي مير ڪئي آ، پوري جڳ جي رهبري.

هجرت واري رات پلاري، ساٿ ڏنو جنهن عربي سان،
"صديقيت" در جو پاتو، خوب نبيءَ سان خاطري،

پاڻ گهريو هو، مدني سئين! آڏي ويل دعائن ۾،
فاروقيت واري صاحب، سائين عمر جي سروري.

ذي النورين جي خلعت پاتي، صاحب بيعت رضوان جو،
واهہ! سخي عثمان پلارو، صدقي ان لئہ ساهہ سري.

حيدر اسد الله علي آ، تنهنجو منهنجو سائين،
علم عمل ۾ ڪافي نرالو، ماٽي وينو برتري.

عشره مبشره، بدري، حنيني، صُفه وارا ماڻهو،

ساري ڄمار "بروهي جوهر" جوڙي پيو ٿو شاعري.
جنهن نالي مني تان گهور ٿيا، انسان هزارين ڇا ڇئجي،
محبوب جي آمد وقت لٽا ارمان هزارين ڇا ڇئجي،

ابوبڪر منو صديق هيو، سو عتيق، شفيق، رفيق هيو،
جيڪو جوڙ هيو سو نيڪ هيو شڪران هزارين ڇا ڇئجي،

فاروق عمر جو نيڪ اثر، محبوب گهُر، منظور نظر،
اسلام جي زينت ساهه ثمر، اعلان هزارين ڇا ڇئجي،

عثمان غني سلطان سخي، داماد نبي سک ساهه سلي،
ان ڪيئي جهڪايا شاهه جلي سلطان هزارين ڇا ڇئجي،

سو فاتح خيبر، شير ببر، سو حيدر، صفدر جان جگر،
سو اسد خدا ۽ رشڪ قمر احسان هزارين ڇا ڇئجي،

اصحاب مديني واري جا، هر وقت غلام پياري جا،
هر وقت نبي جي اشاري جا قربان هزارين ڇا ڇئجي،

احسان" بروهي جوهر" تي ايمان محمد دلبر تي،
ٿيا شاهه گداگر ان در تي دربان هزارين ڇا ڇئجي،

پاڻ فرمايو مصطفيٰ جاني،





الحسن والحسين ريحاني.

سونهن ۾ بي مثال شهزادا،
دادلا، دلربا ۽ دلدادا،
جرئتن منجهه شخص لاثاني.

گهوريو جن مال، ساهه پنهنجو سر،
پنهنجي نانا جي دين جي خاطر،
آ شهادت جي راهه رباني.

ٻئيا سيد امام جنت جا،
جيڪي پابند دين سنت جا،
يعني قرآني فقه جا باني.

عشق سيد حسن لئه دل ڏاري،
دل تہ سائين حسين تي ساري،
هي ٻئي مصطفيٰ جي نيشاني.

مدح "جوهر بروهي" تو ڳائي،
نينهن لائي تو، فيض تو پائي،
گهر جي هر وقت فضل رحماني.

ڏئي سر ڏنو سُر نئين زندگي جو،
شهيدن جو سردار ڏهٽو نبي جو.

هيو صبر پريو شجاعت جو سائين،
پري جام پيتو شهادت جو سائين،
ڏنو ڏس انهي دين جي روشني جو.

فضيلت ۾ شبير عرفان وارو،
حسين آهه الله وٽ شان وارو،
سندس نالو دارو بہ آ دل ڏکي جو.

ڪلام خدا ساڻ چاهت انهي جي،
ٿي دنيا انهي جي ۽ جنت انهي جي،
ڏنو درس رب پاڪ جي بندگي جو.

شباب اهل جنت جو سردار آهي،
محمد مٺي جو وفادار آهي،
صحابن سان رشتو هيو دوستي جو.

اي "جوهر بروهي" حسين آ اسان جو،
محبت پريو نورعين آ اسان جو،
سندس نالو عنوان ٿيو شاعري جو.

## عشره مبشره

ڏهن کي بشارت ڏني مصطفيٰ آ،
تہ جيئري ئي جنت خدا ڪئي عطا آ.

سوانهن منجهہ " صديق اڪبر" جو نالو،
۽ "فاروق اعظم" جو حاصل حوالو،





ٿيون شخص "عثمان" صاحب سخا آ.

صحابہ جو سينگار "حضرت علي" آ،
" ابن عوف" انسان عاشق نبي آ،
انهن منجهان هر هڪ سنواري وفا آ.

مٺو " بوعبيده" ڏهن منجهہ هڪڙو،
وري " سعد سائين" عبادت ۾ تڪڙو،
"زبير ابن عوام" پڻ پارسا آ.

وفادار"طلحہ" ۽ حضرت سعيد آ،
محمد جو هر هڪ صحابي رشيد آ،
هو راضي تہ راضي انهن کان خدا آ.

نبوت جي اُپ تي صحابي ستارا،
خدا جا بہ پيارا، نبي جا بہ پيارا،
ڪلام خدا جي اها مدعا آ.

اي "جوهر بروهي" محمد جا ساٿي،
مٺا مور، ماڻهو، مَکڻ يا تہ ماکي،
انهن سان عقيدت سندم برملا آ.

## بدر جا شهيد

مان سچو عقيدو ٻڌائي چڏيان،
بدر جي شهيدن تان صدقي ٿيان.

هيو چوڏنهن ۾ “ قريشي عمير”،
يا “صفوان”.،“مهجع” ۽ عاقل دلير،
“عمير بن حمام”تان گهور ٿيان.

“يزيد ابن حارث” سان گڏ “ حارثه”،
“ سعد” ۽ “مبشر” هيا پارسا،
شهادت جي عظمت لکي چا لکان.
“ معوذ” سان گڏ “عوف” ارڏو جوان،
۽ “رافع” هيو عزم ۾ پهلوان،
صحابن جو ثاني نہ ڪنهن کي مجان.

“عبيده” نبي پاڪ جو سوٽ هو،
اتي “ذوشمالين” ٿيو گهوٽ هو،
آ سنت شهادت جي جاري اجان.

محمد جا اصحابي عزت پريا،
سڙيا، پر ابوجهل پارا سڙيا،
اي “جوهر” صحابن سان دل لايان.

www.sindhsalamat.com



الله اڪبر! الله اڪبر!
مدني جا دلبر، الله اڪبر!.

صديق اڪبر، فاروق اعظم،
عثمان سائين، حيدر بہ همدم،
صدقي آ ڪوثر، الله اڪبر.

سلمان، خالد، مهجع ۽ بوذر،
حضرت معاويه ، شبير، شبر،
دل جا منور الله اڪبر.
حمزه، حذيفہ، عباس، اسلم،
عڪره، اسامه، ۽ اياس ، اشيم،
ثابت ۽ جعفر الله اڪبر.

جابر ۽ جندب، جوهر، جبير آ،
زاهر، زياد آ زيد ۽ زبير آ،
دحيه آ دلبر الله اڪبر.

www.sindhsalamat.com

رافع، ربيعه ۽ سعد ، سالم،
يا سهل سفيان، صالح ۽ عاصم،
عباد عامر الله اڪبر.

عرباض، عروه، عمران سائين،
عمار، عوف ۽ عتبان سائين،
مالڪ ٻـ انور الله اڪبر.

نعمان، نافع، ناجيه ۽ نوفل،
وائل، وهب ۽ ورقه ٻـ شامل،
يحيٰ دلاور الله اڪبر.

حق جو موذن حضرت بلال آ،
اصحابي هر هڪ صاحب ڪمال آ،
گهوريو هي جوهر، الله اڪبر.

# پيو فهم





وسيلو جهانن جو قرآن آ،
ڪلام خدا جو وڏو شان آ.

اجهو فيض، برڪت، بشارت، ڪرم آ،
مٿيو منهن ته ثابت انهي تي جرم آ،
هي چيلنج آ "هاتو برهانڪم" آ،
صدين کان پڌو لوڪ اعلان آ.

سندس لفظ لائق بڻائن ٿا غازي،
ٿيا گهور افريقي، هندي، حجازي،
پڙهي جن پروريو، ڪٿي، آهه بازي،
۽ قرآن صدقي سندس مان آ.

مقرر ۽ عالم، ولي ٿيا الاهي،
ڪي صديق، فاروق جهڙا سپاهي،
انهي ذڪر جو آهه الله واهي،
سندس هر اکر منجهه عرفان آ.

تصوف، شريعت جو مرڪز اهو آ،
۽ حڪمت، حقيقت جو مرڪز اهو آ،
وفا ۽ طريقت جو مرڪز اهو آ،
هو "الفاتحه" "طٰهٰ" "رحمان" آ.
نوازي ٿو هو نينهن پهرين نظر ۾،
۽ دل ڪاري، ٿي صاف ان جي اثر ۾،
سچو جڳ پڙهي پيو ٿو هر هڪ پهر ۾،
۽ هر حرف جڳ لاءِ احسان آ.

جُڙيون جوڙ قرآن سان ڪائناتون،
سندس فيض مان ماڻهو پائي ٿو ذاتيون،
ته راتيون بہ جڻ شب قدر واريون راتيون،
هي شهڪار اڻ مٽ نمايان آ.

جهليو جڳ مٿان رحمتن وارو سايو،
اکر ابتدا منجهه "اقراء" جو آيو،
اي "جوهر بروهي" پڙهي ۽ پرايو،
محمد مٺي جو هي فرمان آ.





زماني ۾ جيئڻ گهرو ٿا اگر،
ته پوءِ نينهن قرآن سان لائجي.
گهرو ٿا نه ٿئي ڪا صدا بي اثر،
ته پوءِ نينهن قرآن سان لائجي.
اهي لفظ مٺڙا اچاري سگهو،
اسر ويل لولي تنواري سگهو،
ته جيون سمورو سنواري سگهو،
۽ ماڻن وڏيون برڪتون شهر گهر.
ته پوءِ نينهن قرآن سان لائجي.
گذارڻ سکو هي مٺي زندگي،
ملي زندگي جي هتي هر خوشي،
گواهي ڏئي ٿي هي پندرهين صدي،
ملي دين دنيا جو نفعو ثمر،
ته پوءِ نينهن قرآن سان لائجي.
مٺا حرف سارا الف ، لام، ميم،
ملي ان جي عيوض ۾ جنت نعيم،
ٿين ناس خناس شِطان رجيم،
فرشتا سفر م ٿين همسفر،
ته پوءِ نينهن قرآن سان لائجي.
اي "جوهر بروهي" سدا پڙهه قرآن،
ته جاڳو ۽ جاڳايو پورو جهان،
اَمر ٿي پوي پنهنجو هر داستان،
کلي مهرباني ڪرم وارو در،
ته پوءِ نينهن قرآن سان لائجي.

مهينن جو سردار رمضان آ،
جو نازل ٿيو ان ۾ قرآن آ.

وسن رحمتون هر گهڙي جڳ مٿان،
ڪٺي آيو رحمت جو سامان آ.

فرشتہ صفت بڻجي ٿو آدمي،
مليو ماڻهپي کي وڏو شان آ.

رهي عام انسان پرهيزگار،
قرارن پريو هر ڪو انسان آ.

چيو مصطفيٰ مير نالي مٿي،
ٿيو قيد ۾ بند شيطان آ.

بڻيو جڳ سچو جنتون، جنتون،
دلين ۾ وڌيو دين ايمان آ.

ڪيئي گل ڪتوريون ڪٺي آيو آ،
هو موتيو، چنبيلي ۽ ريحان آ.

ٿيو ڪفر ڪافي پريشان آ،
مسلمان جي گهر جو مهمان آ.

گهرو! جو گهرو! سو ملي ٿو وجي،
فلڪ تي عنايت جو اعلان آ.

هي "جوهر بروهي" گنهگار آ،
ڇڏيو بخشي! ڪافي پشيمان آ.





مومن! مهينو آيو رمضان جو پيارو،
لمحن ۾ ٿيندو هاڻي هر غم کان ڇوٽڪارو.

هر هڪ گهڙي آ رحمت، هر شام آهہ نعمت،
چو طرف آهہ برڪت، قرآن جي تلاوت،
ايري پيو نئين سر ڀاڳن پريو ستارو.

اقرء جي لات آهي، رحمت جي بات آهي،
جو ڏينهن رات آهي، اعليٰ صفات آهي،
آيو آ نور برحق، گهٽجي ويو انڌارو.

هر وقت آهہ بخشش، الله جي نوازش،
جا مهل هوندي آتش، ڪندو اهو سفارش،
روزو عمل پيارو پرپور نور وارو.

تسبيح ذڪر جاري، روحن جي لئہ بهاري،
ٿي ختم بيقراري، جاڳيا جي رات ساري،
دنيا ۾ پاڻ پسجي جنت سندو نظارو.

مولا جي مهرباني، رحمت پري نشاني،
آ زندگي بہ فاني، ڪوڪو عمل اي جاني،
ناهي "بروهي جوهر" ڪنهن ساهہ کي سهارو.

مهينن ۾ رمضان سڀ کان پلو آ،
قرارن کي کافي مليو حوصلو آ.

سدا روح راحت، چپر چانو فرحت،
خدا کئي عنايت، آ گهر گهر تلاوت،
جڙيو رحمتن جو وڏو سلسلو آ.

هي رحمت پريو آ ۽ ٻيڙو تريو آ،
غضب جڻ ٺريو آ سڄو جڳ ٺريو آ،
۽ شيطان ۾ اڄ پيو زلزلو آ.

کئي مهر باري، ٿي وک وک بهاري،
جو روزي سنواري، اجها دل اجاري،
کلام خدا ٿيو وڏو پرجهلو آ.

اسر ويلو آيو، ٿيو نور سايو،
پڙهو ۽ پڙهايو، مناجات ڳايو،
جو مومن جي دل ۾ وڌيو ولولو آ.

رڱيون رنگ راتيون، سڄو ڏينهن لاتيون،
ٺريا روح، چاتيون، دليون کوڙ آتيون،
اي "جوهر بروهي" ٿيو اڄ ڀلو آ.

## حرم

مان گهور ٿيان، سر صدقي کيان تنهنجي بيهڪ ، تنهنجي نظارن تي،
اي پاڪ حرم! رحمت ٿي وَسي تنهنجي اوچي اوچي منارن تي.





هي شهر امن جو شهر پلو اقرء جو هتي آغاز ٿيو،
صدين کان وٺي خوشبو ٿي وسي پئي ثور، حرا جي غارن تي.

هت ڇائو نبي جو ڄام ٻٽيو ۽ چند ٻجبل جي سام ٻٽيو،
مزدلفو! مِنيٰ عرفات عجب! ڪن مهر پيا سڪ وارن سان.

ٿيو "بلد امين" خليلي دعا، هت بيت عتيق، شفيق ٻه آ،
تنعيم جي مسجد شاهد آ، آ عائشہ اتم هزارن ۾.

صديق جو گهر، فاروق جو گهر، عثمان، علي جو پاڪ شهر،
احساس اجاگر اهڙا ٿيا، ٿيا شوق سوين شهڪارن تان.

ڪعبي جو غسل اڄ مون ٻہ ڏٺو، جڻ ڪير چڪيم ماکي کان مٺو،
ذوالحج جي پهرين ڏينهن ڏٺي، دل گهور گهڙي ۽ وارن تي.

امداد ٻہ سائين رفيق ٻہ اڄ اي مرسل دين، شفيق ٻہ اڄ،
آ دين هتي دنيا ٻہ هتي، ٿيا قرب الاهي قرارن تي.

مان آهيان"جوهر بروهي" پر ، رب مهر ڪري هي پسايو در،
مان گهوريان ميهڙ ملڪ سڄو، هن شهر جي در ديوارن تي.

**(2 ذي الحجہ 1416هه مطابق 1996ع جي ڏينهن نماز ظهر کان ٿورو اڳ حرم ۾ لکيو ويو)**

وساريان نہ وسرن حرم جا نظارا،
جتي هر گهڙي رحمتن جا نظارا.

تلاوت ۽ تسبيح، طواف جاري،
رئن پيا رضا لاءِ ڪي رات ساري،
ذڪر منجهہ مشغول الله وارا.

فهد، باب عمره ۽ باب السلام آ،
رڪوع سجدو هر ويل جلسو قيام آ،

سڙي خاڪ تي پيا ابوجهل پارا.

اڳيان ڪعبة الله دل جو سڪون آ،
نظر سان وڏيو حاجين جو جنون آ،
لٿو سج، ٿيا چوڏهين چنڊ چارا.

ڪيو سعي، طواف، عمرو ادا ٿيو،
حرم جي مسافر تي راضي خدا ٿيو،
پين پاڪ زم زم ازل جا اُجارا.

امان عائشہ واري مسجد مبارڪ،
گهرائيندو ٻيو پيرو الله تبارڪ،
ڪجن پنڌ عرفات، مزدلفي وارا.

جي ڏسڻو آ، ڏسجي ٻہ مڪو مدينو،
اي "جوهر بروهي" ٺرن نيڻ، سينو،
ورن بخت سانگي وري پنهنجا وارا.

مدني! تنهنجي بستي وهوا!
دم دم، حق پرستي وهوا!

ويلي! ويلي! نور جي ورڪا،
تنهنجي هستي عشق جي پرڪا،
دعوت آهہ الستي وهوا!.

تنهنجي شهر جي ساک ڪنئي وئي،





چهرو چمڪيو، باک ڪنئي وئي،
گل گلاب جي دستي وهوا!

چنڊ ڪي چيريو تنهنجي اشاري،
شان ٻڌايو هر سيپاري،
مهر بہ ٿي وئي سَستي وهوا!.

جيڪو تنهنجي شان جو منڪر،
ڪافر، ڪافر آهي ڪافر،
منڪر ماٺي پستي وهوا!.

صدقي بروهي ذات بہ تولئہ،
"جوهر" گهوري ڏات بہ تولئہ،
رحمت واسيل هستي وهوا!.

الله گهرائي ها هڪ وار مديني ڏي،
تخليق جو سرجي ٿو سينگار مديني ڏي.

اکين بہ رنو رت آ، ۽ روح نست آهي،
جٽ سونهن سنورجي ٿي ات گهور جڳت آهي،
هر قرب جو پلجي ٿو وهنوار مديني ڏي.

هر آس سوالي آ، ۽ جهول بہ خالي آ،

محبوب محمد جي شفقت به نرالي آ،
۽ مهر ڪرم جا ٿيا آثار مديني ڏي.

سڪ ساهه پساهن جو، هو ڏيهه آ ڏاهن جو،
ماري ٿو پيو مونکي احساس گناهن جو،
دائم ٿا وسن دم دم انوار مديني ڏي.

خوشبو آ فضائن ۾ اقرار هوائن ۾،
سچائي ڪري پيدا، تاثير دعائن ۾،
اُتساهه ايارن ٿا ويچار مديني ڏي.

الله ٿيو واهي، لک لوڪ به آ راهي،
تن منجهه به هڪ "جوهر" جنهن آس اها چاهي،
آ تات طلب دل جي تِڪ تار مديني ڏي.

# اسلامي حڪومت گهرجي

اسلامي حڪومت گهرجي،
آئين شريعت گهرجي.

تسبيح پڪاريان مان،
هر روح به ٺاريان مان،
اونداهي اجاريان مان،
تلوار سنواريان مان،
۽ ڏڍ ڪي ڏاريان مان،
الله کي ساريان مان،
قرآن ۽ سنت گهرجي،
اسلامي حڪومت گهرجي.





تعمير وفا جي ٿئي،
اڄ مهل دُعا جي ٿئي،
ڪا ويل سخا جي ٿئي،
ترتيب عطا جي ٿئي،
تسڪين رضا جي ٿئي،
ڪا مهر خدا جي ٿئي،
ايمان امانت گهرجي،
اسلامي حڪومت گهرجي.

صديق صداقت وارو،
فاروق عدالت وارو،
عثمان سخاوت وارو،
حيدر به امامت وارو،
آ معاويه عظمت وارو،
خالد به شجاعت وارو،
ڪل شان سلامت گهرجي،
اسلامي حڪومت گهرجي!.

هٿ گهرجي لوڪ نمازي،
اسلام ۽ حق جو غازي،
انصاف عدل جو قاضي،
تحرير سموري تازي،
دستور ڪو آنؐ حجازي،
ٿي ختم نبوت گهرجي،
اسلامي حڪومت گهرجي.

ٿئي پرزا چور شڪاري،
آباد ٿئي هر هاري،
ٿئي مفت علاج بہ جاري،
اگهہ نيڪ ٿين بازاري،
رهي باقي نہ ڌرتي اجاري،
ٿئي بند جوا، بدڪاري،
هت عام عدالت گهرجي،
اسلامي حڪومت گهرجي.

اي "جوهر بروهي" جاني،
هت فضل ڪپي رحماني،
هر صوبو ڪري سلطاني،
سرداري ٿٿي ۽ خاني،
هجي سستي ڀاڄي ماني،
ٿئي جيون جي آساني،
هر وڪ تي شرافت گهرجي،
اسلامي حڪومت گهرجي.

فاني آهي فاني آهي جيون سارو فاني آ،





سهڻي اپ تي اپريل سهڻو چنڊ ستارو فاني آ.

ڏاهپ، دولت، مايا ملڪيت رهجي ويندي دنيا ۾،
خالي هٿ سان هلڻو پوندو ساهہ اڌارو فاني آ.

ڏات ۽ ذات نہ رهڻي آهي، ڪائي بات نہ رهڻي آ،
سال سمورا لمحا ٻڌبا پل جو سهارو فاني آ.

ڀائر ڀاتي، سنگت ساٿي، ساٿ سمورو ٽوڙيندا،
لحد لٿي سڀ موٽي ايندا، رشتو پيارو فاني آ.

هڪڙي ڏهاڙي الفي پهري هلڻو پوندو هر ڪنهن کي،
لطف محبت محفل سان گڏ قرب ڪنارو فاني آ.

دنيا جا ڇڏ گندا ڌنڌا ريجهہ رکي ڇڏ مولا سان،
يار "بروهي جوهر"! سمجهي ڇڏ تہ گذارو فاني آ.

جوءِ فاني جهان فاني آ،
هي زمين آسمان فاني آ.

چنڊ چانڊاڻ سج ۽ تارا،
يعني هر هڪ نشان فاني آ.

ساهہ سڏڪن جو پنڌ جاري آ،
قافلو ڪاروان فاني آ.

معتبر ماڻهو جيڪي سڏجن ٿا،

مير، سردار، خان فاني آ.

روز متجن ٿيون موسمون جڳ ۾،
سرءُ ساوڻ، خزان فاني آ.

پوڳڻو آهه پاپ پيريءَ جو،
مرڪ پريو جوان فاني آ.

حال هيڻن جو رب حافظ آ،
ڏاڍو جوهر گمان فاني آ.

جو اڏامي ٿو اڄ فضائن ۾،
مڙس ماڻهو مهان فاني آ.

سچ آ " ڪل من عليها فان"،
يعني هر داستان فاني آ.

ڪونه هوندو جهان ۾ "جوهر"،
شعر ان جو بيان فاني آ.

سنوار پنهنجي ڄمار ساري نماز پڙهه ۽ نماز پيو پڙهه،
حياتي ساري تو ڪئن گذاري نماز پڙهه ۽ نماز پيو پڙهه،

آ خلقيو توکي خدا تعاليٰ ڏنيون زماني جون نعمتون ڪل،
ته هاڻي ڪر ڪا شڪر گذاري نماز پڙهه ۽ نماز پيو پڙهه،

دلين کي آهي سڪون ملندو درود تسبيح ذڪر حق سان،





نماز آ نفس لاءِ پاري، نماز پڙهه ۽ نماز پيو پڙهه،

تون آهين اڄ ڪر عمل جو سعيو هتان لڏيندين ۽ جڳ ڇڏيندين
اڳيان قبر به آهه ڪاري، نماز پڙهه ۽ نماز پيو پڙهه،

حشر ويلي سڪل زبانون چون پيون ٻولي نفسي نفسي،
اول پڇا آ نماز واري،نماز پڙهه ۽ نماز پيو پڙهه،

ڪچهريون قربن پريون ڇڏڻ اڄ مجال ٻڌجي ويون اسان لئه،
ته ايندي آڏو ڪا بيقراري،نماز پڙهه ۽ نماز پيو پڙهه،

تون ڏِسُ ۽ ٿي وي جي شوق خاطر وساري وينين خدا تعاليٰ،
هي زندگي تنهنجي آ اڌاري، نماز پڙهه ۽ نماز پيو پڙهه،

ڇڏي هي غفلت "بروهي جوهر" تون آ مسجد ڏي پنج پيرا،
آ رب سائين جي مهر جاري، نماز پڙهه ۽ نماز پيو پڙهه،

هي دين منو اسلام منو،
الله رسول جو نام منو.

هن منجهه نمونو جياپي جو،
ڏس نور وزن ۽ ماپي جو،
ٻانهن کي مليو انعام منو.

ساجاهہ ڏئي انسان کي،
ٿو ميٺي ڪوڙ فسانن کي،
نازل بہ ٿيو آ ڪلام مٺو.

سيڪاري سليقو حياتيءَ جو،
حق چاڻائي گهر پاتيءَ جو،
جنت جو ٿيو انجام مٺو.

رک "وتواصو بالحق" نظر،
۽ "وتواصوا بالصبر" خبر،
پيءُ صبر سڪون جو جام مٺو.

اي "جوهر" شال قبول ٿئي،
جو حامي حشر ۾ رسول ٿئي،
ملي جنت ۾ آرام مٺو.

ڏينهن جوڙيو آ رات جوڙي آ،
واهہ جي ڪائنات جوڙي آ.

هي ستارا ۽ سج چنڊ ڏسو،
باک ويلي جي بات جوڙي آ.

موج درياهہ جي ۽ مينهن وسيا،
ايري لهرين بہ لات جوڙي آ.





ماءُ جي ٿج کان پوءِ کير مٺو،
مصري ماکي نبات جوڙي آ.

پوري مخلوق منجهہ اشرف آ،
سهڻي انسان ذات جوڙي آ.

ڏاڍ ۽ ظلم وقت سات ڏئي،
بيوسن لئہ نجات جوڙي آ.

آهہ الله ڪل شيءَ قدير،
سونهن پريل حيات جوڙي آ.

مهرباني "بروهي جوهر" لئہ،
شاعري واري ڏات جوڙي آ.

بسم الله الرحمن الرحيم

اللهم صل على محمد
وعلى آل محمد كما صليت
على ابراهيم وعلى آل ابراهيم
انك حميد مجيد ۝

اللهم بارك على محمد وعلى
آل محمد كما باركت على
ابراهيم وعلى آل ابراهيم
انك حميد مجيد ۝